


Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لهر لهر دريا

(شاعري)

*

## استاد بخاري

سنڌڙي ڪتابي سلسلو رتوديرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سنڌڙي ڪتابي سلسلي جو پنجون ڪتاب

# لهر لهر دريا

(چوسٽا ۽ رباعيون)

*

استاد بخاري

*

soorihsindhiadab

سنڌڙي ڪتابي سلسلو رتوديرو.

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چپائي جا هڙئي حق اداري وٽ هئيڪا


ڪتاب : لهر لهر دريا

مضمون : شاعري (چوسٽا ۽ رباعيون)

سرجڻهار : استاد بخاري

سرورق : فتاح هاليپوٽو

اکر : قاضي اختر

ڇپائيندڙ : سنڌڙي ڪتابي سلسلو رتوديرو

ڇپيندڙ : عبدالفتاح ”عابد“ قريشي
ڊيسينٽ پرنٽنگ پريس چوڙيگر بازار،
شڪارپور سنڌ.

ڇاپو : پهريون

ڪاپيون : هڪ هزار

سال : جون ١٩٩٠ع

ملهه : ٣٠ روپيا

LAHAR LAHAR DARYA.
Poetry by: USTAD BUKHARI
Published by: Sindhri Kitabi Silslo
"Al-Manzar" Ratodero, Sindh.
June 1990—Price Per Copy Rs: 30



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## "دل جي نالي"

منهنجي دل،
دادو آهي.
دادو سنڌ جي،
دل آهي.
سنڌ......،
سڄي دنيا،
جي دل آهي.
دنيا جو گولو،
وري ڪائنات
جي دل آهي.

"استاد بخاري"

soorhsindhiadab

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ســنــاءُ


| | | |
|---|---|---|
| * پنهنجي پاران...... | ادارو | ١ |
| * مـــــزرا | سرڪش سنڌي | ٤ |
| * ٿـــورا | استاد بخاري | ٩ |
| * ســـــري سان چوسٽا | | ١١ |
| * مسلسل چوسٽا | | ٩٧ |
| * سري سواء چوسٽا ( ......؟؟؟) | | ١٠٦ |
| * ربـــاعـيـون | | ١٢٧ |


Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي اک ۾ ٻئي ناهي ٻڙي آهي،
سنڌ سڙي پئي تنهنجي اک روئي ٿي لڙڪ ٿي.
تنهنجي ٻٽ ۾ رت جي بدلي ريٽي آهي،
خلق لڇي پئي تنهنجي دل ڇرڪي ٻه نٿي.

ادارو انهن سڀني سهڪاري سڄڻن، جو دل جي گهرائين سان شڪر گذار آهي جن وڏا وڙ ڪري هن ڪتاب جي ڇپائيءَ کي بهتر کان بهتر بنائڻ لاءِ پنهنجي تخليقي ذهن جي قيمتي مشورن سان نوازيو يا انهن جو جن عملي طرح محنتي هٿ ونڊائي، قابل تعريف جستجو ۽ جاکوڙ ڪري، ڪتاب کي سونهن سوڀيا بخشي ۽ وقت اندر پڌري ڪرڻ ۾ مهربان مدد ڪئي. هرهڪ جي اڳڪٿ قرب لاءِ صرف ايترو چوڻو ٿو پوي:

رسالي شاهه جي ۾ جيترا شامل اکر آهن،
انهن کان ٻيڻي ڏهوڻا، دوستن مون تي ڪيا ٿورا.
ٻلا ساگر جي ڇولين کي ڳڻڻ ممڪن ڪٿي ٿيندو،
مڃيا مون جيترا ٿورا، هيا مي تيترا ٿورا.

٢٠ جون ١٩٩٠ع

مقصود "گل"
سنڌڙي ڪتابي سلسلو
"المنظر" – رتوديرو.

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مـــزرا

تخليقڪار، لطيف خيالن، زنده آدرشن لاءِ، مصلحتن کان بي نياز زندگي گذاري ٿو. هن وٽ زنـدگيءَ جو مقصد مڪمل پاڪ صاف احساس ۽ انسان دوستيءَ جـــو جـــذبو آهي. هو ٿوري وقت بجاءِ سرمديت ۾ جيئڻ گهري ٿو، تنهن ڪري زندگين سان لاڳاپيل فن جي ڌرتيءَ تي اڏول بيهي ٿو. هو حقيقتن جـي آخري تهه تائين اندر هليو وڃي ٿو جتي پنهن جي ذات وچائي حقيقت بنجي پوي ٿو ۽ اهو ئي عمل سندس ذات کي ڪائنات ۾ مثانهون ڪري بيهاري ٿو.

جڏهن وٽس، ٻاهريان واقعا ۽ ڪيفيتون اندروني بنجي پون ٿيون تڏهن هو ساري واردات پاڻ تـي محسوس ڪندي تڙپـي ٿـو ۽ لازوال ٿي پوي ٿـو. هـن جـي نظر/سوچ اتري گهري/اونهي ٿئي ٿي جو هو پنهن جي سماجي واقعن جي بنياد تائين پهچڻ ۾ ۽ شين کي انهن جي حقيقي ماپي جي حساب سان ڏسڻ ۾، عمل ۽ رد عمل کـي چاڻڻ ۾ هڪ عام ماڻهوءَ سياسي چاڙوءَ کـان بـه ڪيترا پيرا وڌيڪ سگهه رکي ٿـو.

هن جي تخليق محض سندس جمالياتي ذوق ۽ خيالي تسڪين کي پوري ڪرڻ لاءِ نه ٿي ٿئي پر سماج ۾ سمورن اخـلاقي قـدرن کي هٿي ڏيڻ ۽ غير اخلاقي حرڪتن کـي ختم ڪرڻ لاءِ وجود وٺندي آهي. هو چاهيندو آهي تـه سمورا سماج هڪجهڙا سهڻا هئڻ گهرجن جـن ۾ ڪنهن بـه هڪ ماڻهوءَ سان ڪنهن بـه قسم جي زيادتي نـه ٿيندي هجي ۽ سڀئي ماڻهو بحيثيت هڪجهڙي ماڻهوءَ جي، هڪجهڙي حيثيت سان زوال پذير زندگين کـي اٿـاهه محبتن سان لازوال بنائي ڇڏين. تنهنڪري هـو دنيا جـي سماجن کي سامهون رکي پنهنجي جذبن، امنگن، احساسن ۽ تمنائن جو ڀرپور اظهار ڪندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڻ برابري خلاف بغاوت تي اتاريندي آهي. گذريل ٻئي عظيم عالمي جنگيون، جن ۾ لکين ماڻهو ڪن پل ۾ هميشه لاءِ، پاڻ کي هڪڙو ٻيو ملڻ زندگين جون ڏاڍيون وڻندڙ گهڙيون وڃائي ويٺا، جن بنيادن تي لڳيون، ٺاپر ٿيڻ ۽ بين الاقوامي ادارن ٺهڻ ڪانپوءِ وري ساڳين بنيادن تي پر نئين روپ ۾ اندروني طور تي سگهارين ۽ هيڻين قومن ۾ گرم/سرد جنگيون اسرندڙ ملڪن/علائقن ۾ زور شور سان شروع ٿي ويون، جن کي جاگيرداري ۽ سرمايه داري ذهنيتن پنهنجي ديرپا مفاد ۾ سمجهي هٿي ڏني آهي. هڪ ڌر، پنهنجي برتري کي قائم رکڻ لاءِ هرطرح جون بين الاقوامي اصولن کان وانجهيل غير اخلاقي حرڪتون پئي ڪري ته ٻي ڌر پنهن جي قومي وجودي بچاءَ لاءِ پيئي پاڻ پتوڙي. ظاهر آهي ته اهڙين حالتن ۾ هڪ حساس طبيعت رکندڙ تخليقڪار (اديب- شاعر) وڌيڪ متاثر ٿئي ٿو ۽ ڪمس قومي بقا لاءِ جدوجهد ڪرڻ سبب ڌر ٺيٺو پوي ٿو ۽ مظلوم قوم جي لاءِ اڳتي وڌڻ، مٿس ٻين کان وڌيڪ اخلاقي فرض عائد ٿئي ٿو. ٻيءَ صورت ۾ قومي تهذيبي، تخليقي ۽ فطري آجپي جو ڪنڌ ڪپجي پوڻ جو انديشو رهي ٿو.

جيئن ته عام ماڻهن جي ڀيٽ ۾ هڪ اديب- شاعر وٽ آزادي، بي ڊپائي ۽ سچائي جو جذبو تمام گهڻو آهي، تنهن ڪري پنهنجي قوم سان ۽ پنهن جي قومي اجتماعي مقصد سان سچو هجڻ جي ناتي عوام کان گهڻو اڳڀرو اٿي بغاوت ڪري ٿو ۽ اهڙن سياسي اڳواڻن جي انائيت واري عمل کي ننديو ٿو جنهن سبب قوم هڪ ڏکي وقت لاءِ ظالم جي ظلم جي گهاڻي ۾ پيڙهجندي رهي ٿي. عام ماڻهو جي ڀيٽ ۾ هڪ شاعر- اديب جي اندر ۾ تمنائون، محروميون، ٺهڪ، لڙڪ، خوشيون، مايوسيون محسوس ڪرڻ واري سگهه نهايت تيز ٿئي ٿي تنهن ڪري غاصب ٽولي/قوم کان پنهن جي/پنهن جي قوميتي آزادي لاءِ سندرو ٻڌي بيهي ٿو. وري غاصب قوم/ٽولي طرفان عام ماڻهوءَ جي مقابلي ۾ ڀيرون سخت وار به انهيءَ

تخليقڪار تـي ٿي ٿئي ٿو ڇو ته غاصب چاهيندو آهي تـه تخليقڪار پنهن جي تخليقن جـي وسيلي اهڙن ڪيترن جذبن ۾ آزاديءَ جـي تحريڪ جا جذبا تخليق ڪري ٿـو ڇـڏي. هڪ تخليقڪار صحيح سماج جي تعمير لاءِ انساني سوچ جـي تعمير ڪـي نظر ۾ رکندي، امن جـو پرچارڪ هوندي بـه عارضي طور تـي جنگ جـي تـائيد ڪندو آهـي.

جيتوڻيڪ هڪ اديب/شاعر جو سياست سان سڌو سنئون لاڳـاپو نه هوندو آهي تڏهن بـه قومن جـي تقدير بدلائڻ لاءِ پنهن جي علم، ڏاهپ ۽ فڪري گهرائي جي مدد سان سياست سان ڇڙو پڙو لاڳاپو رکندڙن کي صحيح راهه ڏيکارڻ سندس فرض آهي پر انهيءَ لاءِ هڪ سچي ۽ اعليٰ تخليقڪار کي پنهن جي مؤثر تخليق لاءِ اهـڙن موزون اثرائتي خيالن جي هٿيارن سان ليس رهڻو هوندو آهـي جيڪي هڪ پيڙهيل قوم کي احساس ڪمتري کان ٻاهر ڪڍي ان ۾ پـائـدار قومي ۽ اخلاقي جرئت پيدا ڪري سگهن.

غلام ۽ پيڙهيل قوم جڏهن پنهن جـو قومي آجپو حاصل ڪري وٺندي آهي تـه پوءِ تخليقڪار پنهنجي حقيقي ۽ اصلوڪي منبر تـي وڃـي ويهندو آهي جتان اڳي وانگر، امن، انصاف ۽ ڀائيچاري جـي وڻندڙ فضائن ۾ پنهنجي اندر ۾ پيدا ٿيندڙ حسين خيالن ذريعي فطرت جي حسن سان ابدي رهاڻيون ڪندو آهي ۽ مسلسل ڏڀ ۽ بي يقينيءَ جـي پڇاڙيءَ تي خوش ٿيندو آهي. اتان ڏـي امن- عالم ۽ جمالياتي تسڪين جا چشما ڦٽندا آهن.

مٿي جيڪي به مختصر طور تي هڪ تخليقڪار (اديب- شاعر) بنسبت بحث ڪيو اٿـم، استاد بخاري اهـڙن شاعرن ۾ نهايت قداور آهي. سندس هن ڪتاب ”لهر لهر دريا“ ۾ اهڙائي موضوع آهن جن ۾ قومي جبر خلاف جنگ، اتساهه، اميدون، ارمان، خوشيون، ڏک، ٺهڪ، ڇيخون، ڏس، ارادا، هوش ۽ حوصلو ڏياريندڙ چـارسٽا رچيل آهـن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٿورا

”ٿورن جي ڳالهه ڇيڙڻ آسان پر نباهڻ محال آهي.“

آءٌ اڪيون ڀوني ڏيان هلايان ٿو ته رب جو قسم جڻ ته سڄي ڪائنات جو پاڻ ڪي ٿورائتو ڀيو سمجهان. هر امن پسند انسان جو ڪنهن نه ڪنهن نموني مون تي احسان آهي.

هن ڪتاب جي سلسلي ۾ الائي ڪيترا قربدار اجان ڀاڳي ڀائيوار ٿيندا. محترم مير محمد پرهياڙ ۽ سبحان ميمڻ صاحب هن ڪتاب ڇاپرائڻ لاءِ صلاح به ڏني ۽ مالي تعاون به ڪيو. عزيزم مقصود گل ۽ سندس ڀائر، منظر، اختر، ان ڪانسواءِ مختار گهمرو ۽ سرڪش سنڌي به سهڪاري ساٿي اٿم. ادا حاڪم علي شاهه ۽ دادو جي دوستن ته جيڪو ساٿ ڏنو آهي سو هلندو رهندو. آءٌ ٿورائتو.

جي طاقت ڏني رب ته لاهي به ڇڏبا،<br>
جي لاهي نه سگهبا ته ڀو ڳائبا پيا.

اُستاد بخاري<br>
غريب آباد محلو دادو، سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چوسٺا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## عـــزم

اگـــر عـــزم اڻ ٽـــر اٿن ٿـا ته پـو،
همالا همالا جهڪي ٿـــا پـــون.
مگر وهـم ساگر وٽـن ٿـا ته پـو،
جـــوالا جـــوالا، پسي ٿـــا پـون.

*

## جيءَ جيارا

سموٺن کي هونـدا ڪنارا بـــه آهـن.
پهاڙن ۾ ووڙيو تـــه چارا بــــه آهـن،
جي جرڪي جيئڻ جـو پڪو فيصلو آ،
تـه هـن جـوءِ ۾ جيءَ جيارا به آهـن.

*

## نه ٿيندو نه ٿيندو

ڪنول گل مان ڪوڪو، نه ٿيندو نه ٿيندو.
"بخاريءَ" کان دوکو، نه ٿيندو نه ٿيندو.
ملهائي نه جـو ٿيج جيجل جـي لـوڪو!
اهڙو ڪو بـــه ٿــوڪو، نه ٿيندو نه ٿيندو.

*

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## خدمت ڪنداسين

محبت سان ڀرپور محنت ڪنداسين.
۽ محنت جي هر ريت عزت ڪنداسين.
۽ عزت اسان جي انهيءَ ۾ ئي آهي،
ته پيارن پنهوارن جي خدمت ڪنداسين.

*

## نه ٿم نا اُميدي

جي ڦاٽن ٿا ڪپڙا ته سبجن به ٿا.
رُسن ٿا جي پيارا ته پرچن به ٿا.
نه ٿم نا اُميدي، ٻڌايو ملم،
ڇڪي ٿا پون چاڪ، پرجن به ٿا.

*

## سِنڌي - ٻَڌي

وجهو ڊوڙ هيڏي اچو سڀ وڏي!
رَني ڪوٽ مان *تاج تختي لڌي.
پڙهو ڏيان سان انجا سونا اکر،
لکيل لفظ آهن ته "سِنڌي - ٻَڌي".

* تاج صحرائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## گفتو

”اچا رات آهي“ ننڍاڪن جو گفتو.
”اُٿو ڏينهن ٿي ويو“ سڄاڻن جو گفتو.
”ملي ٿي نٿو ڪجھ“ ڪُراڙن جو گفتو.
”وٺي رهبو سيڪجھ“ جوانن جو گفتو.

*

## سَندرو

عُمر رات سپنو سدورو لڌم.
انهيءَ سپني همت وڏيءَ ۾ وڌم.
ڏسان ٿي: ٻُڪل پئي ٿي گهو گهو ڏئيم.
ٻچيءَ مان ڪيي ڳٽ، سَندرو ٻڌم.

*

## مظلوم

ڏسڻ ۾ ته گوڏي جو جڙ گاهه آهن.
حقيقت ۾ گجگاهه *ڪَنداهه آهن.
متان تون سڪو واهه سمجهين وڏيرا!
وهي پيا ته مظلوم درياهه آهن.

* ميوهڻ جي سامهون درياهه پار پهلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorhsindhiadab

## چو؟

ڦٽن گيت سُرها گلابي گلابي.
انهن آڱرين ۾ هي پيلاڻ چو؟
نگاهن مان اپريو پوي ڪاميابي،
انهن جي اکين ۾ هي آلاڻ چو؟

*

## او شاعري!

مڃيم، سچ جو سچ ۽ پچ آهين،
بکئي لئه ڳيو ناهين، او شاعري!
وڏي ذات تي ڏيهه ڪي روز ڏين پر،
ننگي لئه لٽو ناهين، او شاعري!

*

## ڊوڙو

مزورن ڪسانن جي محنت ٻه ڊوڙو،
سلي ۾ اٽن ساهه، محبت ٻه ڊوڙو.
پلو ڪيت گهرجي، پريو پيٽ گهرجي،
غريبن جي سستي سياست ٻه ڊوڙو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## اُستاد

لکڻ جو قسم لوح تــوڙي قلم جــا،
نگهبان اوهين خـــاص اســتـــاد آهيو.
قطعو منهنجو حق جي وڪالت ڪري چا،
اوهين خود بـــہ مضبوط فريــاد آهيو.

*

## اُستاد ۽ قوم

هنن جون چماٽون اڃا يـــاد آهــن.
اکيون ڪـــول او قـــوم، استاد آهــن.
هنن جي حقن جـو حساب ئي نـــہ آهي،
سچي قــوم سرهي جي هي شاد آهــن.

*

## مفادن جو ٽڪراءَ

ڇـــوان ٽو تہ ساٿـــي جي سرلا هجو،
تـــہ پونگن ۽ بنگلن جا پڙڪا بـــڌو.
جـــي گيرب ڪيا ٽـــورا گهبرا هجو،
مفادن جي ٽڪراءَ جـــا ڪڙڪا بـــڌو.

*

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## جونجي ويا

َجتن سـان جتن ۽ َمتن سـان متا،
جيئڻ ڪاڻ جنگاهہ ۾ جونجي ويـا.
گـرڻ ۾ گتا ڪي ڪتا ڪي َرتـا،
ڪي آتا، ڪي ڪاتا ڪي بازي ڪٽي ويا.

*

## ڪلڪون، ڪهاڙيون

او هاري او نـاري! او ڪڙمي مـزورو!
اسان واريون ڪلڪون امانت اوهانجي.
توهانجون تڪيون ڪوڏرون ۽ ڪهاڙيون،
تـوهانجو قسم آهـي طاقت اسانجي.

*

## زمـانـو اٿـي پيو

اُٿيو هاڻ گهوڙيـو ۽ پـانـو اُٿي پيو،
بڻيءَ ساڻ گـڏ ڪارخانـو اُٿي پيو.
ڏني اُپ لـولي، َجهلي ُپـونء جهولي،
مگر چيلهہ موڙي زمـانـو اُٿـي پيو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## اڻائو - سٺائو

جي ڦهڪي تہ انسان زهري تہ ڦهڪي.
اَڻائو بہ اُن لَئہ آڻائو ڪٿي آ؟
نہ ٿو ڪير اڄ تائين ڪينسر کي ڪُچلي،
سَٺائو بہ ايڏو سٺائو ڪٿي آ؟

*

## ڀورهيو

قلم سان ڪجي ٻيلچي سان ڪجي.
گَهڙي سان ڪجي يا گلي سان ڪجي.
بهرحال ڀورهيو تہ ڀورهيو ئي آهي،
سُئي سان ڪجي يا رَنبي سان ڪجي.

*

## وڏو چارُ دنيا...

وڏو چار دنيا وڇائي ڇڏيو آ،
ٻڪئي پيٽ رهندو وڃائي ڇڏيو آ.
پيئڻ لاءِ پاڻي، چُڳڻ لاءِ چوڳو،
قفس جي ڪُپڻ ۾ رکائي ڇڏيو آ.

*

soorhsindhiadab



Scanned with CamScanner

## دنيا

سمونڊن جي قبضي ۾ صحرا آهي،
پهاڙن جي گهيري ۾ دريا آهي.
اُڏامون ٿا ڪيڏو ٻه، آفاق آڏو،
وڏو جڳ تہ پڃرو هي دنيا آهي.

*

## تہ ڇاهي

ڪٿي ڪنهنجي ٻيڙي ٻُڏي وئي تہ ڇاهي؟
جي لوڙهي تان جهرڪي اُڏي وئي تہ ڇاهي؟
سڄو ڳوٺ ڌُهلن دمامن تي جهومي،
جي گهرمان ڪا گونگي ڳُڏي وئي تہ ڇاهي؟

*

## برف مان درياه...

جتي برف ڏاڍي ۾ ڏاڍي جمي ٿي،
اُتان ئي تہ درياه وهندا ڏسون ٿا.
جتي چيچڪا ڪائي ڌرتي وچي ٿي،
اُتيئي تہ گجگاهہ ٿُتندا ڏسون ٿا.

*

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تجربو

جي ڇڇ ڀي، تہ ڏاريا بہ چوڏار ڏسندين.
جي ڀڃڪو تہ پنهنجا بہ بيزار ڏسندين.
ٻين کي تہ ڇڏ پر وڏي وٽ پڪڙ ۾،
ڏون خود پاڻ کي پاڻ کان ڏار ڏسندين.

*

## آزمائي ڏٺيوسين

مٽيون مائٽيون آزمائي ڏٺيون سين.
سڳيون ڀائپيون آزمائي ڏٺيون سين.
مصيبت ۾ ڪو يار همدرد ڪونهي،
پڪيون دوستيون آزمائي ڏٺيون سين.

*

## ؟

ڏنو چا، ڪو ڀاڄو، اُڏاڻي پکيءَ جو؟
مليو چا، بيابان ۾ ڦرهو ڪجيءَ جو؟
او گهاتو! گهڙيو مان بہ ساگر ۾ آهيان،
ها، مونکي بہ هٿ ۾ چلر آ مڇيءَ جو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner soorihsindhiadab

## تدبير، مقدر

مَلهي ۽ مَري هي ڏنو ڏيک مون،
تہ ڪوشش ۽ قسمت جي چڪري لڳي.
تدبر هو اوتر ۾ لهرون تڪيون،
مقدر ٿي ساگر ۾ ٽڪري لڳي.

*

## وڏي وٿُ

وڏي وٿُ آهي سچيتو شعور.
هجي هوش سان جوش، جذبو ضرور.
فقط عقل تي فخر شاطر عيار،
رڳو هانءَ تي زور اوڳو مزور.

*

## سچي ڪر!

ٻِڏا وات ۾ چو اٿئي مُگ زمانا،
ستايو غريبن ڪي ڪنهن آ، سچي ڪر!
چڙي ڏي اجايا سجايا بهانا،
حقيقت ڪٿي اڄ تہ ٻِڪيرئون اچي ڪر!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## حقيقت

حقيقت بيـانـي، گلا ٿي پوي ٿي.
حقيقت پسـنـدي، ثنا ٿـي پوي ٿي.
ڪجي ڪيئن استـاد ڪيڏانهن وڃجي،
حقيقت لـڪائـڻ، خطا ٿي پوي ٿي.

*

## زندگيءَ جي هوا

متي ۾ اٿئون زنـدگيءَ جـي هـوا،
اسين تيز رفتـار آهيون سـو آهيون.
اڙي موت! ساهت جـي رستي مٿان،
اسين ٽوڏي هسوار آهيون سـو آهيون.

*

## ڏڪراءُ، سرچاءَ

هي مهراڻ موجون، هي ڇوليون ڇتيون،
هي ڇڪتاڻ جيوت جـو آهـي نشان.
جو ڏڪراءُ تنهن ۾ بـ سرچـاءُ آ،
عداوت بـ الفت جـو آهي نشان.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## آرزو - جستجو

تمنا ۾ تحريڪ موجود آ،
ترقي جي تاريخ موجود آ.
جتي آرزو آ، اتي جستجو آ،
زماني جي تصديق موجود آ.

*

## چا تي ويو آ

حڪومت تہ عهدن ۾ مجبور آهي.
پر آزاد رعيت کي ڇاتي ويو آ؟
ڪندي مصلحت فيصلا آهي گم سم،
حقيقت جي غيرت کي ڇا ٿي ويو آ؟

*

## دغائون، اڻائون

ڪلامن ۾ منصور شاعر اسان جا،
بيانن ۾ مشهور رهبر اسان جا.
دلين ۾ دغائون، سرن ۾ آڻائون،
پڙهي دؤر ويو آهي اندر اسان جا.

*

www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com　Scanned with CamScanner

## سوچون سنيالي رکو!

ڀلي مون کان سڀ موڪلائي ڇڏيو،
رکو "ياد" ٻاقي ڀُلائي ڇڏيو.
ٻخاريءَ جون سوچون سنيالي رکو،
مِٽي سا مِٽيءَ سان مِلائي ڇڏيو.

*

## چمن دفن ٿي ويو

سڄي آڌ صديءَ کي سوا پهر ۾،
نبيريون وچون ٿا، ٻُڌائي ڇڏيو.
ٻخاري جي خوشبو ٻچي شهر ۾،
چمن دفن ٿي ويو، هُلائي ڇڏيو.

*

## نئون نظارو

ڏسو ساگر تي کهڙو سهارو ڏنو؟
تسي ٿر کي ڪارو ڪنارو ڏنو.
جگر ٿهڪندڙ آ، نظر ٻهڪندڙ آ.
نئون زندگيءَ کي نظارو ڏنو.

*

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## محبت مچائي ڇڏيسين

الائي ته ڇا ڇا وڃائي ويائي،
سڄي زندگيءَ وڃائي ڇڏيسين.
طبيعت رتو ڇاڻ سچ ۾ نچائي،
ڇون تا محبت مچائي ڇڏيسين.

*

## عقيدو عقل

جهور عقيدو اُبڙي پيو آ،
عقل - جوانو اُگهڙي پيو آ.
حجري جون تا توڙيون کوڙيو،
هوڏان عرش به اکڙي پيو آ.

*

## رنڀ، رقص

ڇميت ڇميت ڏور ڏڳي پيو،
گهوگهٽ گهوگهٽ گول وڃي پيو.
صحرا، ساگر رنڀ پوي پئي،
"رمبا رمبا" رقص هلي پيو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## جهد جو ناد

دُور نئين جي ديد ۾ دل ۾،
فڪر تہ چا، فولاد وجي پيو.
ساگر، صحرا، محفل، مل ۾،
جهد - بقا جو ناد وجي پيو.

*

## محنت

خلقت سُڏڪي گُهرندي آهي:
صحت، دولت، شُهرت، عظمت.
قدرت مُرڪي چوندي آهي:
محنت، محنت، محنت، محنت.

*

## واڪو واڪو پرچم

هي غم دل جو مرهم سمجهو،
ماتم سچ جو سرگم سمجهو.
جهونڪو جهونڪو فاتح - هٿ،
واڪو - واڪو پرچم سمجهو،

*

soorinsindhiadab



Scanned with CamScanner

## سنڌو تنهنجو

ڏينهن جو ڪم آ، رات جو غم آ، سنڌو تنهنجو،
منهنجو هڪڙو هڪڙو دم آ، سنڌو تنهنجو.
گيت لکان پيو، جنگ لڙان پيو، ڏيهه ڏسي پيو،
ڪنَ تي قلم آ، هٿ ۾ علم آ، سنڌو تنهنجو.

*

## هي ممڪن آ

صحرا، ساگر بنجي وڃن هي ممڪن آ.
بحرن مان بَرَ بنجي وڃن هي ممڪن آ.
ناممڪن ڪجهه ڪونه رهيو آ، او ڏاڍا!
ڏونگر پوپر بنجي وڃن هي ممڪن آ.

*

## سپنا، ساڀيان بنبا

جهوُنڪا، طوفان بنبا؟ هو ڏس بنجن ٿا پيا!
برپٽ بُستان بنبا؟ هو ڏس بنجن ٿا پيا!
ناممڪن ڪجهه ڪونه رهيو آ، او بابا!
سپنا، ساڀيان بنبا؟ هو ڏس بنجن ٿا پيا!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## بنا عنوان

وقت هجي روهيلو رڻ پٽ.
ڏينهن ضرور تہ توهر هوندا.
ذهن جتي اونداهيون غارون،
فڪر اتي ڪاريهر هوندا.

*

## ڏينهن تتو

ڏينهن تتو، ترَ تاندا، تامون،
آوا تي ويا تاٽا، تانءَ.
پيا تہ چڏيو خود سورج ڪرڻا،
ڊوڙي ڳولن ڇاڇا، ڇانءَ.

*

## جيون - جنگاهہ

جيوَن جو جنگاهہ زمانو،
اوڙي پاڙي ۾ آڙاهہ.
پڌري پَٽ تي *پاڻيپٽ ۾،
ڪيتر وٺندو ڪير پناهہ.

* پاڻيپٽ مان مراد جنگ جو ميدان.

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## هيناهين

سورج پنهنجا ڪرڻا پاڙهي،
پنهنجي مُنهن ۾ پيالا ڪوڙيا.
هيڏا سارا سمنڊ سگهارا،
هڙ پنهنجي هيناهينءَ ٻوڙيا.

*

## آس تہ ڏسُ!

سورج جو ناهيرو ڪوڙي،
رڃ جو ڪير تي سڄ ولوڙي.
تاسَ تکيءَ جي آس تہ ڏس هو،
ريتِ تتيءَ تي اُس تي دوڙي!

*

## عيدون ايندئون

مايوسين جي ڪُن مان نڪري،
جُنگ ۽ جهاز، اميدون ايندئون.
ماتامن جي جُهڙ مان اُپري،
عزم عظيم جون عيدون ايندئون.

*


Scanned with CamScanner

## دنيا جي همدردي

ڦڳ لاهي ڦوچو ڦڏرائڻ،
ٻسر قاڙي سرهو ڦارائڻ.
هئه دنيا تنهنجي همدردي!
رت رئاري رئاري ڦرچائڻ.

*

## ٻهڳڻ ڇائي ڇار

ٻهڳڻ، ڇائي ڇار تين تا.
بعضي بزرگ، ٻار تين تا.
روهه منجهان تا روهي ٻنجن،
ڀون، ڀري جو بار تين تا.

*

## هوشيار رهو!

دل ڦنهنجي سنڀاليو، ميلي ۾ دلبر ٻه آڏو.
هوشيار رهو، جو رستي ۾ رهبر ٻه آڏو.
هت دانهن ٻجهي ڪنهنجي ٻنتي ڪو صحرا آ،
ٻهت ماس ملي ڏو ماڻهوءَ جو، بازر ٻه آڏو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## حرڪتون

بعضي بعضي اپ ڪريٺو، ڪڪرن واريون حرڪتون.
هيڏو ڏاگهو پيلو ننڍڙن ٽارن واريون حرڪتون.
آءُ ٻه ڪٽ استاد، ڪٽي شاگرد ٿيان ٿو دوستو!
پنهنجن يارن کان ٻه ٽين ٿيون ڀارن واريون حرڪتون.

*

## پنڌُ ڏکهو

رات ۽ ڏينهن جو آهي ٻَڌو ٿو چيلهه - پٽو،
ٽِڙڪي، چانءِ جو چٽڪمرو آ پنڌ ڏکهو.
صدمو صدمو، ڪنڊو، گذرئين جهنگ، منجهان،
رهڙيو پيو آ راڳي تنهنجو روح سچو.

*

## تنهنجي هٿ ۾

ساگر، صحرا صحن ته ڏونگر ها ليڪا.
تنهنجا * گهروندا، افريشيا ۽ امريڪا.
سپنا، ساڀيان، ٿاهين، ڍاهين وينو تون،
خير ۽ شر جا تنهنجي هٿ ۾ رانديڪا.

* گهروندا: مٽيءَ جا ننڍڙا ٻاراڻا گهر

## مظلومن جا واڪ

مزدورن جا ڏينهن ٻڙن تا ٻل جي ڦيٿن وانگر.
سيني جا سرمايا سوگها لوهن ٽنين وانگر،
ظالم انڌا، ٻوڙا، گونگا تابوتن جان آهن،
مظلومن جا واڪ وڃن تا ٻٽ جي دهلن وانگر.

*

## هڪڙي عمر هزارين آسون

سانير لاڪر دل پئي ڪئي آ محبت جي مزدوري.
ڪافي عشق ڪمايم، دل جي پو به نه اوري پوري.
هڪڙي عمر هزارين آسون اهڙيون دل ۾ ڏاريون،
هڪ هڪ آس هزارين عمريون ماڻي پو به آڌوري.

*

## حوصلو

هي ضروري ناهي هر زلزلو پيدا ڪجي.
قوم ۾ ليڪن مسلسل ولولو پيدا ڪجي.
مشڪلاتون اينديون رهنديون پر ٻڌو مشڪلڪشا!
هر قدم تي هوش سان گڏ حوصلو پيدا ڪجي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorhsindhiadab

## جنگي گيت تي ناچ

شاعر سوچيو: واڪا ٿيندا،
وڻ - وڻ وڄندا، پڪ پڪ اُڏندا.
جنگي گيت تي ڪنهن کي سُڌ هئي،
ناچو بنجي نينگر نچندا.

*

## سنڌ سڙي پئي...

تنهنجي اک ۾ پتلي ناهي، پٿري آهي،
سنڌ سڙي پئي تنهنجي اک روئي به نٿي.
تنهنجي بت ۾ رت جي بدلي ريتي آهي،
خلق لڇي پئي تنهنجي دل ڇرڪي به نٿي.

*

## ديس نہ اڏ ٿيندو

اخبارن ۾ جو تون روز نبيرين ٿو،
سنڌو ڏرتي آڏيري ڪا ٻڪري ناهي.
ڏڙ آڏ ٿيندا، پيٽو، ديس نہ آڏ ٿيندو!
ديس وڏايون، هي ڪاهت جي وکري ناهي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## استقبال

ويهين سن ۾ باقي آهن يارهن سال.
ايڪيهين جو ڪرڙو آهي استقبال.
ڪاتب - وقت لکي ٿو بيئو تقديرون،
ڪاهل لاءِ زوال ته لائق لاءِ ڪمال.

*

## او طوفانو...!

او طوفانو، ڪارونجهر گهر منهنجو آ،
سر - ٽيليءَ تي چيهي جو آکيرو ناهي.
ڏهه - ڏهه، ڏگ - ڏگ قبضو آ، ترمنهنجو آ.
ڪيري وارو ٿاريءَ تي واهيرو ناهي.

*

## ٿيءُ

انگ اُگهاڙي جي اڳيان اولو بڻ ٿيءُ!
پوت ٿي، ٻهراڻ ٿي، پَٽڪو بڻ ٿيءُ!
ظالمن جي ڪنڌ ۾ ڦندو ٿي پئُ،
پائرن جي چيلهه جو سندرو بڻ ٿيءُ!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## دوستي، دشمني

پيار ۾ سونهن جا گل سرها ٿيو.
خار سان سيلها تکا کنڊا ٿيو.
دوستيءَ کي دل جا گلدستا ڏيو،
دشمني ڏاڙهي تي پو ڏنڊا ٿيو.

*

## هر جڳهه تي ڇوڪ

دشمنن لئه نانگ واري ڦوڪ آ.
دوستن لئه مور واري ڪوڪ آ.
شر ڦهلايو: شاعري گم ٿي وئي،
خير گرجيو: هر جڳهه تي ڇوڪ آ.

*

## پيدا ڪجي

درد ۾ زنده دلي پيدا ڪجي،
ڪشمڪش ۾ دلڪشي پيدا ڪجي.
پنهنجي دنيا، پنهنجي، آزادي، خوشي،
ترسجي ڇو، خود وڏي پيدا ڪجي.

*

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## طعنا ۽ پٿر

ڪنهن ڪي ُسڌِ هئي ٿٿڪا وسندا.
خانَ لڳا ُبت ِڪلندا وتندا.
لفظ ِسڌا َبرَ گولا ناهن،
طعنا پٿرن ڪي ڇا لڳندا؟

*

## قدرتي قاعدو

فرد ٽوڙي قوم لڳ هي قدرتي آ قاعدو،
موت ڪي ُمنهن جو َڏئي سگهندو اهو جيئندو پيو.
ويٺي ويٺي وات جي رد ڪد مان ڪهڙو فائدو،
جو ِڪري اُٿندو اُٿي هلندو، اهو وڌندو پيو.

*

## وقت جي واردات

وقت جي ويني لکي سون واردات،
لک اصول استاد، ُپٽڪيو مشڪلات.
"عَزم جي سامهون ُجهڪيو آفت پوي،
ڏينهن کي روڪيندي ناهي ڪابه رات".

*

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## حال جا ڪردار...

عزم ۽ امڪان جا آرڏا - آڏا،
سي بہ لاهي ويندا ٻُڏتر ۾ لڏا.
چوڻ آئيندا اسان جا پيڪندا،
حال جا ڪردار ٿيا آنڌا - جڏا،

*

## هوشياري!

هن صديءَ جي ديڳ ۾ سنڌو ندي،
سامراجي آڳ ڪان اُبري پئي.
هوشياري ڪلڪتا، ڪابل، سبي!
انقلابي ايشيا اُيري پئي.

*

## هوڏ

پاڻيپٽ ۾ طاقتن جي هوڏ آ،
همتن ۽ حڪمتن جي هوڏ آ،
هوڏ جو، هڪ هڪ ڏجي ڪهڙو مثال،
جڻ تہ هي جڳ جيوتن جي هوڏ آ.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ؟؟

ڪوششون - ڪنجون ڪٿي گــم ٿــي ويون،
قسمتن جـــي ڳنڍ ۾ ڳـــوليون ٿا ڇـــو؟
اڄ - اجـــالــو ۽ سـپــاڙــو ســوجهرو،
ڪالهه جي ڪچڪول ۾ ڦولهيون ٿـا ڇـــو؟

*

## سنگدل ويهين صدي

شوق جـــون شڪتيون غمن ۾ غــرق ٿيون،
جڻ ٿـــي قومون، انجمن ۾ غـــرق ٿيون.
سنگـــدل ويهين صـــدي تنهنجي هٿان!
جهومنديـــون بستيون، ٻمن ۾ غرق ٿيون.

*

## ٻابر، ابراهيم

دين جـــي ڍير يــــاڌرم جـي نـــام تي،
ڪنهن ڪي شرمائڻ مان ڪجهه ورڻـو نه آ.
ٻـــابـر، ابـــراهيم ٻئـي اســـلام تـــي،
جـو ڦلڻ آيــو اهـــو ڦـــرڻو نـــه آ.

*

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## قدامت جي شڪست

هڪ صدي اڳ تي چُڪو ـهت فيصلو،
جنگ، مياڻيءَ جي قدامت جي شڪست،
ڪلهه ٻه هو ۽ اڄ ٻـــ ساڳيو سلسلو،
فتح حڪمت جي، جهالت جي شڪست.

*

## ...نہ ڇيڙيو دوستو!

مُنهن تَڪيو ماڻهن جو، ويسن ڏي ڏسو،
دل جي ڏنـڏن کي نـــہ ڇيڙيو دوستو!
ٿهڪڙا جـــن وٽ ـڪڙن تـن سان ملو،
دردمـندن کي نـــہ ڇيڙيـــو دوستو!

*

## قدر آهن ـ جو...

قـــدر آهن ـ جـو ڪٿي ٿيندو تـــہ آ.
هانءَ هوائن جـــو ٻُلڌي ويندو تـــہ آ.
باغ جو گل گل ۽ پَن پَن پوڪ جو،
داد، دانهن ـ کـــي ڏُڌي ڏيندو تـــہ آ.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## شعر گرجي قوم سان

شور کھڙو لهر جو ساگر سوا.
زور چا جو واءُ جو اوتر سوا.
شعر منهنجو گرجي، گڏجي قوم سان،
اسلحو بيڪار آ لشڪر سوا.

*

## پير پختا ڪر...

بحر تي او دوست، چر تيندو نہ ڪر.
تون آن ڪارونجھر، ڪکر تيندو نہ ڪر.
پير پختا ڪر پير جي پاڙ جان،
واءُ وانگر دربدر تيندو نہ ڪر.

*

## ليکو نہ ڪر

چا وڇايو، چا مليو، ليکو نہ ڪر!
ڪجھ کٽيو، ڪجھ هارئيو، پڙکو نہ ڪر.
چا اچڻ کان اڳ، وڃڻ کان پو بہ چا،
جڻ ٻڙي مان وئي پڙي، الڪو نہ ڪر!

*

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ايترو پردو نہ ڪر

چهرو هر هڪ ديد ڪان گم، گفتو هر هڪ گوش ڪان،
اعتبار ئي گم ٿئي تو ايترو پردو نہ ڪر!
آدمي جو سپنو آ، يا تنهنجو آهي فيصلو،
حشر ڪر، هيڏو وڏو هي مسئلو ڏنڌلو نہ ڪر!

*

## خواهشون...

خواهشون جيڪي ڪڏهن پوريون نہ ٿيون،
چڻ تہ خوشبويون جي ڪنهن ناهن سنگهيون.
حسرتون اڌورچ دل جون مون ڏٺيون،
رُڃ ۾ روجهون اجاريون پئي ڏڪيون.

*

## عشق کي آرام ڇا

عشق اڻ جهل، عشق کي آرام ڇا؟
ولولي تي ولولو، آ دام ڇا؟
مون تہ ماڻڻ جو ڪيو آ فيصلو،
صبح ماڻيم سُون، ماڻيان شام ڇا؟

*


Scanned with CamScanner

## ڪوبہ ڪم مشڪل نہ هو

يا تہ ڪوشش جو عمل ڪامل نہ هو.
يا تہ پورهيو، پيار سان شامل نہ هو.
نيڪ نيت، هوش، همت شرط هو،
مرد سامهون ڪو بہ ڪم مشڪل نہ هو.

*

## ارتقا رڪجي نہ ٿي...

چوڪتي رڪجون رفيقو، ارتقا رڪجي نہ ٿي.
زندگي جي آرزو ۽ جستجو ٿڪجي نہ ٿي.
ساٿيو، سندرا ٻڌي، هلندا هلو وڌندا هلو،
پاڻ چو ويهي رهون، دنيا جڏهن ويهي نہ ٿي.

*

## قوم ٿڪبي نہ آ

لوچ ويڙهي سوچ ۽ رڪبي نہ آ.
لاٽ پوچي پاند ۽ ٻڌبي نہ آ.
شخص ڪو ڪو ٿئي تہ ڪڪ ٿي ڏوسگهي،
قوم ساري ڪجهہ بہ ٿئي ٿڪبي نہ آ.

*

soomhsindhiadab


Scanned with CamScanner

### ڇو؟

ڇا گهڙي آئي وڏي، ڇڏجي ٻـــ ڇو؟
صبح جو ڪم شام تي رکجي ٻـــ ڇو؟
سوچ، ڇيهي ڪـي متان ڇهندو هجين؟
زهر جي ذرڙي مگر چکجي ٻـــ ڇو؟

*

### دهشتناڪ انديشا

هو وتـــن تـــا عيش جا شيشا ڪنيون.
هي اڇن تـــا گهرج جـــا تيشا ڪنيون.
ڏور - دنيا جهومندا وڏنـــدا هـــلـــن،
دل ۾ دهشتناڪ انـــديـــشـــا ڪنيون.

*

### ٻند ڪر افواهه

خام آ، جنهنجو ٻـــ آهـــي ـهي خيال:
سنڌ ٿيندي ختم اڳـــ چاليهه ســـال.
سنڌ رهندي، سنڌي رهندا شـــاد ٻـــاد،
ٻند ڪر افـــواهه، ڏارين جـــا دلال!

*



Scanned with CamScanner

## شوق ۾

نيم ديوانو بخاريءَ شاعريءَ جـــي شوق ۾.
سنڌ آڌ تي ڌي ڇري پئي نوڪريءَ جي شوق ۾.
خلق جيئن جيئن ٿي ڪسي، تڙپي لڇي تيئن ٿو نچي،
لوڪ جـــو دشمن مدبر، ليڊريءَ جي شوق ۾.

*

## آهي ڪٿي؟

ڪٿ سٿن ڪـــان ڊِي روي تـــائين شاعري!
تيز بـاغي شـــاعري، آهـــي ڪٿي؟
هـــرقـــدم تي ڪوئـــي بيـٺي رهبري،
انقلابـــي - رهـبـري آهـــي ڪـــٿـــي؟

*

## اسان جي شاعري

ڏُبـــوءِ سُرهـــي بـــوستان جـــي شاعري.
روشـنـــي آ ڪهڪشان جـــي شاعري.
جوش، هوش ۽ حڪمتون جا ٿـــي ڏسو،
دوستو، ســمــجـهـو اســـان جي شاعري.

*

sooriisindhiadab


Scanned with CamScanner

## آٽڙ انقلاب

رات کي سڪرات جـــو آهي عذاب.
جـــو اڳيان اڀريو اڃي پيو آفتاب.
خواب آ، هر رعب تخت ۽ تاج جـــو،
هڪ حقيقت آهـــي اڻ ٽـــر انقلاب.

*

## حـــوصلو

ســامهون اُلـــري مسئلي تي مسئلو.
ڪربلا گذري تـــ ڪڙڪي زلـــزلو.
اهـــڙي مـحـــشـــر ۾ دلاور دوستو،
هـــوش کي گهرجي خدا جو حوصلو!

*

## ڏاڍو ڏکيو

دوستيءَ جـــو دم هـڻـڻ ڏاڍو ڏکيو،
ڪنڌ تـي پـــر بت کڻڻ ڏاڍو ڏکيو.
ڪلڪيوليٽر کـي چڙيـــو، انسان کي-
يار جو ”هڪ ڳـڻ ڳڻڻ“ ڏاڍو ڏکيو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## امن جو نغمو

عــــزم اڏري آسمــان کـــان اڳيرو.
عرش اعليٰ ڪهڪشان کـــان اڳيرو.
امـــن جـــو نغمو ڏنم گونجي ويـو،
سنڌ ڇـا ساري جهان کـــان اڳيرو.

*

## شعر ارپيم قوم کي

منهنجو حـــصـو ُمگ، قصو مختصر.
قوم منهنجي ڪوُهه، ساگر بي َڪپر.
شعر ارپيم قـــوم کي تـي ويـا امر.
قـــوم منهنجي معتبر کـــان معتبر.

*

## خامشي ۽ سرڪشي

خـــامـــشي ۽ سرڪشي ڏسڻي اٿئي.
بي ڊپي بانڪي َتڪرَ ڏوڙي ڏي ڏس.
خوامخواهه جـــي مسخري ڏسڻي اٿئي.
سمنڊ ۾ طوفان جي جهيڙي ڏي ڏس.

*

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## توسان، ها توسان...

"قوم زنده تي رهي پرجي زبان زنده رهي.
ماءُتا ڳرڪي، ڳلهي، پرجي امان زنده رهي،
توسان، ها توسان او سنڌي قوم! منهنجو وجود،
تنهنجو شان زنده رهي، پو منهنجي "مان" زنده رهي.

*

## ڪٿي آ

ڪاٿي آ قوم سنڌي، قومي زبان ڪٿي آ؟
ڏي وي اسان جي اڄڻ جو ترجمان ڪٿي آ؟
تاريخ جو جبر تو طعنو هڻي پڇي پيو،
آزاد قوم، تنهنجو اوچو نشان ڪٿي آ؟

*

## ڀڄو ڪلور

پرڀات ٿي نه ٿئي ۽ ستارا هليا وڃن.
طوفان تيز ٿئي ته ڪنارا هليا وڃن.
ڀڄو ڪلور ڪنهن به نه هوندو ڏٺو ڪٿي،
جو سات پيو هلي ۽ سهارا هليا وڃن.

*

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## دلريش / دلڪش گھڙي

مصري جي ٽڙ ملي يا ڦوهه جي ڳڙي ملي.
ماکي مٺي ملي يا رسول ڪڙي ملي،
سنهن ساک زندگيءَ جي دلريش دلڪشيءَ جي،
ڳاري ڳهي ڇڏيسين جيڪا گهڙي ملي.

*

## فرار، ڪرار

انهن جي ڀال ۾ جيئن گذرو ٻس رکيو آهي.
تيئن انتظار ۾ تون ڪجهه اعتبار رک.
هي چيز ڪم جي آهي مشڪل ۾ ڪم پئي ايندي،
ڪانئر - فرار ۾ تون سورهيه - ڪرار رک.

*

## اڄوڪو ڏينهن

ڪلهه سنيالي سنيالي، متان رُئي ڏسي پئو.
رُئو ته پاند سان اُگهندا وڃو پُسي نه پئو.
اڄوڪو ڏينهن، جو مس مس مليو آ مهلت ۾،
سڀاڻي هزار، مسئلا سوين، منجهي نه پئو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## اڇوڪو مشورو

جنون، جوش اوهانجو تيار آهي متان،
سڏي ڏقيڙ، مجرجي، اُتي، ڊڪي نہ پئو.
اهو بہ عيب غضب جو آ، غير جي هٿ ڪان،
ڇڀي ملي تہ اُتيئي جهڪي، هشي نہ پئو.

*

## ٽپهريءَ ڌاري

دهشت ڪي لڳي ٻاهہ، ٽپهري ڌاري؛
عزت جي اگهي آهہ، ٽپهريءَ ڌاري،
تدبير ۽ تقدير جي همت ڪي آ-
وڻ وڻ ڪئي وهواهہ، ٽپهريءَ ڌاري.

*

## چوڏو نہ مليو

آڙاهہ ويو اوناهہ ڪي ساڙي اهڙو،
جو پنڊ تہ ڇا پاپ جو پيرو نہ مليو،
درياهہ ويو گجگاهہ ڪي لوڙهي اهڙو،
جو ڏار تہ ڇا ڏار جو چوڏو نہ مليو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ڳـــولا

امير، پير ڪـــي زردار يـــار جـــي ڳـولا.
وچين ڪلاس ڪـــي غمتار پيار جـــي ڳـولا،
ملون، بزار، ٻنيون ڳوٺ جـون ڳليون شاهد،
غريب لوڪ، رڳـو روزگار جـــي ڳـــولا.

*

## اوڻـــو

امير، پير ڪـــي آ مانَ شانَ جـــو اوڻـــو.
وچين ڪلاس ڪي ڪلچر زبان جو اوڻـــو.
مريض ملڪ جـــي قرضي عوام ڪي آهي،
آٿـــي عـــلاج، لٿي ۽ مڪان جـــو اوڻـــو.

*

## وطن جـي ڌرتي

دل جـــان جگر آهي، وطن جـــي ڌرتي.
نيڻن جـــي نظر آهي، وطن جـــي ڌرتي.
هر ڏک جي دوا آهي طبيبو، بـــابـــا.
اڪسير اثـــر آهـــي وطن جـــي ڌرتي.

*

soorih sindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## نـوان جوان...

نـوان مشال، نيون روشنيون، نـوان شعـلا،
نوان خيال، نيون ڪوششون، نـوان جـذبـا.
چيو لطيف، بخاريءَ ڪـي، آزمايـون هــي،
نـوان جوان، نـوان قافـلا، نـــوان رستا.

*

## ڪُتـڪو

محفل جي لطف، لاٽ ۾ جرڪيو، اُجهيو وڃان.
سچ ٿي پڇين ته ڪو نه ڪو اُلڪو نه ٿو ڇڏي.
ڪاٿي عزيز زندگي، توکي وٺــي هــلان؟
ڪنهن جاءِ تي به موت جو ڪُتڪو نه ٿو ڇڏي.

*

## سمجهي نـه سگهيس

سـقــراط، *رسـل، بــاخ گهڻو سمجهايو،
بي انت زمانا، توکي سمجهي نـه سگهيس.
يا روح نچا ُيئـه يـا لچا ُيئـه، اِهو ڇـا هو؟
بي چين بهانـا، توکي سمجهي نه سگهيس!

* برٽينڊ رسل

## جئي آڏام اسانجي...

قبيح دور ٿئي ٿو قديم جي ضد ڪان،
ڏيو جديد جي هٿ ۾ حسين ٿي ويندو.
فلڪ جو فخر اجايو ته هو اُتاهون آ،
جِئي آڏامَ اسان جي، زمين ٿي ويندو.

*

## گهرُ شر ڪنان خير

پَڪ، پَرڪَ جي دنيا ۾ انوسان اچي نڪتو،
ماڻهن جي مدد لاءِ هنوسان اچي نڪتو،
الياس، خضر ڪي چيو، گهر شر ڪنان خير،
جبريل جي پوشاڪ ۾ شيطان اچي نڪتو.

*

## صورت ڪهڙي؟

تخليق جي هر شڪل پڪي شاهد آ،
خلاق جي انڪار جي وقعت ڪهڙي؟
بي جسم آ، بي مثل آ، بي هيئت آ،
الله جي اقرار جي صورت ڪهڙي؟

*


Scanned with CamScanner

## سُرت- سمڪ

تعريف ۽ تحقيق جو رد ڪد بہ ٻُڌم،
تشڪيڪ ۽ توحيد جي ٻڌ تر بہ تہ هئي.
پٺي عشق- عقيدي جي سهاري تي وڌيم،
پر سُرت- سمڪ راهہ ۾ رهبر بہ تہ هئي.

*

## روشنيءَ جو ميلو

خوشبو چيو: سچي پيو هي روشنيءَ جو ميلو.
سنڌو چيو: جيالن جي زندگيءَ جو ميلو.
تاريخ جو ڪنن ۾ گهو گهو وڳو، پڌو مون-
گهو گهو چيو: ٻخاري، ڪڙمي ڪميءَ جو ميلو.

*

## وقار جي خوشبو

ڏسو عوام جو گلشن، بهار جي خوشبو.
نئين شعور جون هيرون، وقار جي خوشبو.
ڪٿي پلي تہ ڪٿي بوستان پيئائيءَ جو،
مٿي پلي تہ مٿي آر پار جي خوشبو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## چوسٽو

تڪو هوندو تہ چڻ ڏاڍو تڪو هوندو،
مُڏو هوندو تڏهن بي مترڪو هوندو،
لڪيو جيڪو بخاري چوسٽو هوندو،
فضا ۾ ڦڙڪندو ڳاڙهو جهنڊو هوندو.

*

## زلزلو سمجهو

جي ڪُوڪون ٿا، وڏو هنگامو ڪونئيو ٿا،
جي سُڏڪون ٿا تہ ٿا اوتر- ڳڙو سمجهو.
اسين مظلوم اُلرون ٿا تہ لرزو ٿا،
اِجهو سچرون ٿا، هاڻي زلزلو سمجهو.

*

## تعارف

ايازي عيب سمجهيسين، نہ تيموري، نہ تاتاري،
پري پيري، اميريءَ کان نہ درگاهي نہ درباري.
اسان جو يار مزدور آهي، منظور- نظر هاري،
تعارف مختصر آهيون اسين پورهيئي جا پوڄاري.

*

soorhsindhiadab


Scanned with CamScanner

## مقدر ڏي ڏسان چو؟

جي سُرڪي ڏين تہ ساگر ڏي ڏسان چو؟
جي راضي ٿين مقدر ڏي ڏسان چو؟
گڏي ـ گوڏي جي ويهاري ڇڏين تون،
سڏي هوڏي، سڪندر ڏي ڏسان چو؟

*

## ڏک سک جو دوگانو

ڏسان دل ڏي تہ ديوانو لڳان ٿو.
اڃا اڳتي تہ ويرانو لڳان ٿو.
جو ڳايو پنڌ ۾ اُس، ڇانءَ گڏجي،
اهو ڏک ـ سک جو دوگانو لڳان ٿو.

*

## عشق ۽ لفظ

مان پنهنجو عشق ماڻهن کي ڏيو سمجهايان.
اجهل جذبن کي لفظن ۾ وجهان ٿو.
ايئن ساگر کي بازر ۾ ٿو پهچايان،
ڪٿي لهرن کي لوڙهن ۾ وجهان ٿو.

*

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مان تڙپان ٿو

مان پنهنجي دل جي ڌڙڪن کي لڪائڻ لاءِ ٿڪان ٿو.
اوهين سمجهو ٿا جهومان ٿو، قسم اڏمن جو تڙپان ٿو.
جيئن ٿو عشق جو اوتر اکيڙي پير منهنجا ٻئي،
تيئن محبوب تنهنجي سونهن کي مضبوط ڇهتان ٿو.

*

## اڻ ڏٺا سپنا

اڄوڪن آڻ ڏٺن سپنن جو چهرو،
مان آئيندي جي درپن ۾ ڏسان ٿو.
ڪڏهن مَن تاس کيتن جي لهي پئي،
ڪٿي ساگر کي ڪکرن ۾ وجهان ٿو.

*

## وصيت

شهيد - سنڌ جو سنڌ سنڌ سهيڙيو.
سوين بخرا ڪري وڪ وڪ ونڊايو.
"دفن هن ديس جي ڌهه ڌهه ۾ ٿئي هو،"
وصيت ڏيو ڪري، پوري ڪرايو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

## نہ ايندو

وڇايون ڪيترو جهومي، نچي پر،
چمن جو چاھ، چنگن ۾ نہ ايندو.
ٻڌايون ڪوڙ تشبيهون ڏئي پر،
مزي جو لطف، لفظن ۾ نہ ايندو.

*

## ايندو تہ آھي

چمن جو واس جهونڪي مان نہ ايندو،
مگر جهونڪو بہ ٻو ڏيندو تہ آھي.
مزو سايان جو سپني مان نہ ايندو،
اھو مجبو تہ ڪجھ ايندو تہ آھي.

*

## مرڻ ڪانڀو

ڏڏڙ جو جهول ٻنجان ھا، مرڻ ڪانڀو،
سڄي سنڌڙي تي ڇنڪاريوم ھا ساٿي!
گهڙو پاڻيءَ جو پسجان ھا، مرڻ ڪانڀو،
ڪٿي سنڌو مٿان ھاريوم ھا ساٿي!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ٿاهيون ٿا

حقيقت، علم، حڪمت پيارلڱ اقرار ٿاهيون ٿا.
حماقت، وهم، ظلم ۽ زور جو انڪار ٿاهيون ٿا.
گهڻن يارن جي ليکي ۾ مڙئي اشعار ٿاهيون ٿا،
ادب جو سُنهن اسين انصاف جو سنسار ٿاهيون ٿا.

*

## تَرُ ۽ گهَرُ

پلي امرت لــيڻ جــي آرزو ڪر.
جهجهي سنڌوءَ جي جَرَ جي جستجو ڪر!
ازل کان عــرش تنهنجي بحث ۾ پــر-
گهڻي گــرَ جي ۽ گهَرَ جي گفتگو ڪر.

*

## مان ڇو مران؟

مــري غــالب نٿــو مان ڇو مـــران؟
فـــراز ۽ فيض وانگر پـيـو جـيـان.
پـڙائـــيءَ کـي چيم: ڊـــابـــا ٻُڌو-
ٻچي *"سنڌي" تـــه مان ٻي ڏـــو ٻچان.

* سنڌي قوم، سنڌي ٻولي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## سَتَ زبانو

تشخص ۽ تقدس سو ٻـه هـن ڏرَ جو؟
تڪلف برطرف، چڪچور ٿئي ٿـو پيو.
سچل سرمست وانگر سَت زبـــانو هي،
پٺائي جـــو وطن مشهور ٿئي ٿـو پيو.

*

## گهو گهو

ڏنو آ ڏونگرن ٿـــر ٻـــرڪي گهو گهو.
ڪنارا سنگهرون، ساگر ڪـــي گهو گهو.
اهـو آفـاق جـــو گـهيرو ڏئــي ٿــو،
زمين کي، چنڊ کي، انبر کـي گهو گهو.

*

## ٻڌي ٿو ڪير...

ٻڌي ٿو ڪير ڪوئل تنهنجي ڪوڪو ڪي،
تماشا ٻـــاغ ۾، ٻـــيلـــي ۾ ڏوڏو آ.
سنگهي ٿو ڪير سرهيا تنهنجي خوشبو کي،
انهي ٻـــازار ۾ دونهين جـي ٻـــدبو آ.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## آفاق جو گهيرو...

اهو آفاق جو گهيرو ڇلو آ،
او هستي، ڇيڄ تنهنجي ۾ پلو آ!
ڪري پوندو ڪڏهن ڪٿ نيستيءَ ۾،
گسي ٿو پيو اڳيئي گهرگهلو آ.

*

## ٻُڏ - تر

ڏسيو وڻ - وڻ ڪمي اوتر ۾ وڃان ٿو.
ڇڏيو منجهه، نديءِ ڇر ۾ وڃان ڏو.
ڀتو ناهي تہ ڇا ٿيندو خطي جو،
مٿو استاد ٻُڏتر ۾ وڃان ڏو.

*

## چالاڪ، بيباڪ

اهي جي ان ظرف افلاڪ آهن.
حميرئو، ڪاڪ ۾ چڻ ڪاڪ آهن.
وڏي ماڏن ٿا منزل ميندرا سي،
جي هڪ چالاڪ ٻيو بيباڪ آهن.

*


Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

## تہ چا ٿئي ها!

جيئن برسات ۾ ڪيايون ائين پونچال ۾ ماڻهو،
ننڌڙڪي خلق ڏڙڪي ٿي جي جيئي هاتہ چا ٿئي ها!
اجايو انتظار استاد، خالق ڪي ء خلقت ڪي،
قيامت سا ِهتي ئي ٿي ٻہ گذري ها تہ چا ٿئي ها!

*

## سنڌين کان سوال

تہ چا، گمنام ٿي ويندا سين ٌير آهستي آهستي؟
خيال - خام ٿي ويندا سين ٌير آهستي آهستي؟
پڙاڏن کي پناهون ڏيندي ڏيندي، ڏينهن هڪ ايندو،
اسين خود سام ٿي ويندا سين ٌير آهستي آهستي؟

*

## عظيم انسان ُبتہ

پهاڙن جون وڏيون چوٽيون ُجهڪائين، تون،
خلائن ۾ اپالن کي دڪائين، تون.
عظيم انسان مان توکي ڇينڊس پڻ،
جڏهن ٌسنسار جا آنسو ُسڪائين تون.

*


Scanned with CamScanner

## جيئڻ جو حق

ٽڙي خارن پڙيو؛ خوشبو ونگيندا سين.
گلن ٽهڪي ڇيو؛ مهڪون ونڊيندا سين.
جيئڻ جو حق، رسي قدسي کسيندا جي،
خدا جو سنهن، نه ڏيندا سين، نه ڏيندا سين.

*

## جنس ۽ دولت جو جادو

ڪشش جو ڪرشمو هرڪو مڃي ٿو،
سگهو *"سگمنڊ" آ جبلت جو جادو.
مگر دنيا کي موهيندو وڃي ٿو،
او دانا *"ڪالما" دولت جو جادو.

*

## ڏاهپ جو پڙاڏو

*او ڏاها، تنهنجي ڏاهپ جو پڙاڏو،
هوا ۾، هير ۾، اوتر ۾ آهي.
*اتيو رائين کان راوي ۽ کان گذريو،
سڄي سنسار ۾، گهر گهر ۾ آهي.

* سگمنڊ فرائڊ　* ڪالما : ڪارل مارڪس
* اشارو ڪارل مارڪس ڏي
* جرمني ۽ کان پاڪستان يا يورپ کان ايشيا

www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com　Scanned with CamScanner
soorhsindhiadab

## تنهنجون منهنجون جرئتون

ڪٽي ڪنڊيون، گلابي موسمون پهتيون،
ڪري سينگار سهڻيون منزلون پهتيون.
ڇيندڻيون مات، جهڪنديون مشڪلون پهتيون،
جتي تنهنجون ۽ منهنجون جرئتون پهتيون.

*

## سون دور ڦيرايو

عقيدا تو، بنا بنياد ٺهرايو،
اچي پيو فرش تي سون عرش ڪيرايو.
قنوطي، تو گهڙو هر وقت روڪيو پئي،
مگر سون دور پئي هر روز ڦيرايو.

*

## خيال

خدا ڪان نا خدا تائين خيال آهي.
ازل ڪان انتها تائين خيال آهي.
لقا پور جو لقا تائين خيال آهي.
بخاريءَ جو بقا تائين خيال آهي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ظالم لاءِ زلزلو

وڏيو دنيا جي دل ۾ دڪدڪو آهي.
وڏن لوڏن ۾ دهشت، دٻدٻو آهي.
قيامت ناهي، مظلومو، نه گهٻرايو!
رڳو ظالم جي گهر لئه زلزلو آهي،

*

## حياتي نانگ تي لت

حياتي، نانگ تي لت آ.
يا سر ٽانڊي جي سنگت آ.
مزا، ماتم اتي ماڻيو،
مليو موقعو غنيمت آ!

*

## صورت ئي صورت

هنر وارو هجي، دنيا سڄي دولت ئي دولت آ.
هوا، سورج، مٽي، پاڻي وڏي قدرت جي نعمت آ.
فقط سهڻا گلابي گل، ستارا، چنڊ ئي ناهن،
جبل، جر، جهنگ سب سهڻا، رڳو صورت ئي صورت آ.

*

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

### ...پو مڃجي

جليو جيئرو وتين ٿو جوت ورچيندو،
مرڻ کان پو مچي ڏيکار، پو مڃجي!
نہ تون عيسيٰ نہ تون موسيٰ نہ تون مائو،
بخاري ٿي بچي ڏيکار، پو مڃجي!

*

### ...پو مڃجي

نسورو زهر پي ڏيکار، پو مڃجي!
اهو پي پو بہ جي ڏيکار، پو مڃجي!
پچين ٿو پيو، بچين ٿو پيو تہ چا ٿي پيو،
انهي مچ ۾ نچي ڏيکار، پو مڃجي!

*

### ...پو مڃجي

گسي - پيسي پنجيئي ٿي پراڻا ويا،
ڇهين حس سان ڇهي ڏيکار، پو مڃجي.
تہ آخر زندگي جو دنگ ڇا هوندو،
زماني کان پڇي ڏيکار، پو مڃجي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ...پو مجي

زمانو ٻـــاهہ ٻارائي، جمي وڃجي تہ پو مڃجي.
اشارو يار ڏيارائي، رڃي وڃجي تہ پو مڃجي.
ڪلاشنڪوف جي کڙڪڙ ۾ ڪوئل ٿين متان شاعر!
ڳڙائون- مينهن ٿي کڙڪي، ڳجي وڃجي تہ پو مڃجي.

*

## گلابن جا غلام

اسين سُرهاڻ جا گيسو صبا ٻنجي سنواريون ٿا،
ڪڏا شبنم جي قطرن کي نگاهن سان سلام آهيون.
نہ ڪنڊن کي ٿا کيڪاريون نہ ڏوهرسان رکون ياريون،
مگر رابيل جـــا نـوڪر، گلابن جا غلام آهيون،

*

## ايندڙ صدي جي آجيان

اچـــو، ايندي صـــديءَ جـــي آجيان ڪريون!
نشانبر "امـــن - عـــالــم" جو نشان ڪريون.
هـــٿـايـــون اينمي آڙاهـــ ڏرتـــيءَ تـــان!
جهنم گـــم ڪريـــون، جنت عيان ڪريون!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## پيغام منهنجو

زماني جي گهڙي ۽ مان ٻئي يڪسان،
گهڙي گذري، زمانو لازوال آهي.
جئو مينار، ڊهندو ڏوڙ هڪ ڏڪ سان،
مگر پيغام منهنجو لازوال آهي.

*

## ٻه پيرا، ٻن هٿيا

ٻه پيرا، ٻن هٿيا، تون ڇا ته ڦاقت آن!
ڪٿي ناقت، ڪٿي ناز ۽ نزاڪت آن.
جهنم، جنتون تنهنجي طبيعت ۾،
تون پنهنجي هر قدم تي هڪ قيامت آن.

*

## ڏسبو

انڌارو پره ڏاري ڦٽڪندو، ڏسبو.
سويرو صبح ايندو جهومندو، ڏسبو.
ٻٽيندو ڀڳو لاهي تارو تارو ڇهت،
ڏٺي پيو ڀونئو ٿهڪندو، ڏسبو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## "امن - عالم"

هي ايڪيهين صديءَ جو انتظار آهي.
فلڪ بـي چين، ڌرتـــي بـيقرار آهــي.
شڪاگو ڪان هوانگو جهؤنڪي جهؤنڪي ۾،
ڪنايو، "امن- عالم" جـــي پڪار آهي.

*

## ايڪيهين...

اکيان سنسار، ايڪيهين اچي ٿــي پئي.
ڏسون ٿـا ڪامپيوٽر تي هلي ٿــي پئي.
ڏکن تي نرگس، سرگ آهن سجايا ويـا،
عجب آهي، پڇي ٿي ته به نچي ٿي پئي!

*

## خير، شرجو معرڪو

رذيل انسان خــود شيطان ٿي ويندو.
عظيم انسان جـڻ يــزدان ٿي ويندو.
پيا نڪ خير، شر جـو معرڪو هونـدو،
زمانو حشر جـــو ميدان ٿـي ويندو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

## پيمبر ٿيو

اُجهايو جنگ نــاحق جـي، پيمبر ٿيو،
ڪـٽو گيتا جــا ۽ قـــرآن جـــا گفتا،
پٽائي ۽ بـخاريءَ ڪـــي گهرائي چٽو:
ٻـــڌايو امـــن عاليشان جـــا گفتا.

*

## بشري تــرانــو

ٻڌو ”ون ورلـــڊ“ جــو ”بشري - ترانو“.
ايــرنــدي ۽ الهندي جــــو خزانـــــو.
ڀوڃون ڪرنديون نـــ ايٽم بم تي هاڏي،
نـــ جلنـــدو ڪو جهان ۾ آشيانــو.

*

## نغـمـو

زمانن ڪـــي نـپوڙي ٿـــو ڪيان نغمو،
ڪتابن کي نچوڙي ٿـــو لـکان نغمو.
ڀـِٽو محبوب جـــي ڀرپور ٻوسن ڪان-
اهو امــن و امـــان - امـن و امـــان نغمو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## جهنم کان جنگ بدتر

جهنم کـان *شعاعي جنگ بـدتر آ.
نظارو امن جو جنت کـــان بهتر آ.
آڏا جنگين جـــا ذهنن مـــان پيا پٽجن،
کُلي ويـــو امن جو هر دل ۾ دفتر آ.

*

* ليزر شعاعي

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## فرهاد پارن جي ضرورت آ

ندين ڪوڪيو، آ ُڏن ـ پٽڪيو، اُڃارن جي ضرورت آ.
پڪاريو ڪٽڪ پاڻين پر، ُبکارن جي ضرورت آ.
سگر آڏو پتر ناهن ُپرن، ُٽڪٽا َٽڪر آهن،
اڪن تيشن، لکن فرهاد ـ پارن جي ضرورت آ.

*

## راڄ وارن جي ضرورت آ

چنيسر جو رڱيون ڇهرو، اڱارن جي ضرورت آ.
َٻڌايون نوڙ َ جي پڳ، راڄ وارن جي ضرورت آ.
ٽڪا ٽاري ٽڻونءَ وانگر ٻڪي ُٻڙڪي ٻڌا ٽي پيا،
اشارن مان نه ڪجهه وڙنو آ، ٽارن جي ضرورت آ.

*

## ادارن جي ضرورت آ

جتي سهٽيون تري چاڙن، نوان ميهر ملهي چاڙن،
اسان جي عزم کي اهڙن ادارن جي ضرورت آ.
چڙهي ويا چنڊ ڏي ڪافر، لڙي ويا حور ڏي مومن،
هتي هڙني کي هوندي حسن وارن جي ضرورت آ.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## هزارن جي ضرورت آ

صدين ۾ ٿيو ٻه هڪڙو ديدور پيدا ته ڇا ٿي پيو؟
اسان جي ڏيهه کي ڏاهن هزارن جي ضرورت آ.
نـــوان سقراط، افلاطون پيو استاد پيدا ڪر،
زماني کي نڪورن شاهڪارن جي ضرورت آ.

*

## ناهي جهڪيو

جـــو ايـــو ڳاڙو، اهـــو ناهي جهڪيو.
دار تـــي رهنـدو آڙو، نـــاهـي جهڪيو.
پنج ڪنڌ ۽ ست مـهـا ســاگـــر گواهه،
پـونء تنهنجو پُٽ پـٽو، نـاهـي جهڪيو.

*

## نـاهي جهڪيو

جـــيء جيجي، ٿـيءِ تنهنجي ٿـــي مـلهي!
تنهنجو هـــر سچو ٻـچـو، نـــاهـــي جهڪيو.
سنگهه سامبس، شينهن دودو، هـــوشـــو شير،
آنـگ آڏو اڏ ٿيا، مـــتـــو نـــاهي جهڪيو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ناهي جهڪيو

مــرد، محمود ۽ متن وڙهندي وڍيـا،
تخم دريا خان جــو نــاهــي جهڪيو.
جهوڪ جو جهونجهار بانڪو بـي ڊپو،
عام ساٿي ٿي اٿيو، نـــاهي جهڪيو.

*

## ناهي جهڪيو

روپلو ڪولهي سَلي ساٿـي نــ ٿـو،
آگريون شعلو اُلـو، نـــاهـي جهڪيو.
پيڻ بـختاور، بـلاول، *نـون - عين -
ڏڙ ڏڪيو، سينو رڌو، ناهي جهڪيو.

*

## ذرڙي ذرڙي جو حساب

تـــرت ٿيندو آيري سيري جو حساب،
وقت سانڍيو واڪي واڪي جو حساب.
زارَ، ـنيرو، ـهـنـلرو، ڦــورو پــڌو،
ورتو ويندو ذري - ذري جــو حساب.

* نذير عباسي

## ڀَلڪي ڀَلڪي جو حساب

مائرون، ڀيڻون، ونيون، جيڏيون ڙنيون،
سو سنڀارج ڙسڏڪي ڙسڏڪي جو حساب!
چَنڊري چَنڊري ڏي نهاري ڪر عُمر،
ڀو-تي ڀو-تي، ڀَلڪي ڀَلڪي جو حساب!

*

## لمحي لمحي جو حساب

اڪ ڀَتي جهولا، ڪليون لـــوساڻجو!
ڪورڪي پيو جهوڙنڪي جهوڙنڪي جو حساب.
هــان وڏـــو، پلپل دعــا، دم دم عمل،
جي وڏو تـــا لمحي لمحي جـو حساب!

*

## جُملي جملي جو حساب

قط، قلم، هٿ، هـــوش هججو هـــوشيار!
قـوم وٺندي ٽپڪي ٽپڪي جــو حساب.
شاعـــري، استاد تڪبي ڏـــور بـــي،
جـــلد ٿيندو جملي جملي جـــو حساب.

*

soomhsindhiadab


Scanned with CamScanner

## ڪجهه ٻڌائجو !

هڪ مسئلو فقيه، پڇون، ڪجهه ٻڌائجو !
ڦٽڪو لڳي ته ڪيئن اچون؟ ڪجهه ٻڌائجو !
تحت الثريٰ جهڪون جي، اُڏون آسمان ڏري،
ڪيڏو ڪرونڌڙو ٿي رهون، ڪجهه ٻڌائجو !

*

## ڪجهه ٻڌائجو !

اُپ تان ڏڪيو ته پون ۽ ٿي آدم اچي ٽڪيو،
ڌرتي ڏڪي ته ڪيڏي وڃون؟ ڪجهه ٻڌائجو !
او مير، پير، ڪير ڪنڊون ڪائجو يڪيون،
ڪاٿي ضمير دفن ڪيون، ڪجهه ٻڌائجو !

*

## ڪجهه ٻڌائجو !

چو رات ڪي ٻه ڏينهن سڏيون، ڪفر ۾ پئون،
ڇا ڪاڻ ماڪ، مينهن ميون؟ ڪجهه ٻڌائجو !
آڙاهه ٿي جڏهن ٻه جوالا جهجهڙ ڪجو،
طوفان ٿي اسان ٻه اچون، ڪجهه ٻڌائجو !

*

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حيرت جهڙو

دهر جي ديد ۾ اڳير ئي گهٽي عبرت آ،
شعر جي وات ۾ پيغام بہ حيرت جهڙو.
ٿي خدا پاڻ مون ٿي پاڻ ڏي جبريل مڪو،
هو انهي خواب جو الهام بہ حيرت جهڙو.

●

## سانڍجو

هي بہ لکبو ته جو هڪڙو سانڍجو،
سينهن بدران ماڪ سان سرچي ٿو پيو.
ناڪئا! رکجو نظر هر شخص تي،
ڪي تہ بيڙيون خود خضر ٻوڙي ٿو پيو.

*

## ديڳڙو ٻڙڪي ٿو پيو

تو ڪٽي تيلي هڻئي، ٻوڙو ٻريو،
ٻوڙي مان ٻيلو ٻريو ٻڙڪي ٿو پيو.
ٻاهه ٻارن ٿيون بخاري ذلتون،
ديس آهي ديڳڙو ٻڙڪي ٿو پيو.

*

soomhsindhiadab

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com    Scanned with CamScanner

## گفتا تہ کو ٻڌي!

اوتر نہ ٿي اتاري موسم، متان ڪرن ٽٽرَ،
ٿي هير گوُنج چيري، چرڪا تہ کو ٻڌي!
وهي جو وٽو هٿن ۾، قاتل اجل اکين ۾،
سُقراط جا سچيتا گفتا تہ کو ٻڌي!

*

## سهڪا تہ کو ٻڌي!

سسئي ڏکي سجن ۾، سهٽي ٻڏي ڪُنن ۾،
سهٽن جا هيڏي هوڏي سهڪا تہ کو ٻڌي!
عاشق جو لاش تڙپي، پتڪو نہ ٿا ڪريو جي-
وهوا تہ ڪجهہ ڪريو جو وهوا تہ کو ٻڌي!

*

## واڪا تہ کو ٻڌي!

ڪنهن دردمند دل جا دهڪا تہ کو ٻڌي!
پڙڪا نہ تو ڪنائي، واڪا تہ کو ٻڌي.
لازم نہ آهي ڪنهن جي هر ڪوڪ کو ڪنائي-
ڪت ڪت، ڪڏهن ڪڏهن پر ڪاڪا تہ کو ٻڌي!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

### ...تہ تڙپان ٿو

چهون ۽حس چرڪ چيڙي ٿو تہ تڙپان ٿو.
ڪٿي مون ڪي ڪنڊيڙي ٿو تہ تڙپان ٿو.
ازل ڪاهي، ابد ڳاهي چڪو آهيان،
خيال اڳتي بہ ڪيڙي ٿو تہ تڙپان ٿو.

*

### ...تہ تڙپان ٿو

جو اوتر، مينهن ۾ آيو آجهو سمجهي،
اُتي ٿوٽيون اکيڙي ٿو تہ تڙپان ٿو.
گهٽيءَ مان ڪو بہ ڳيرو گهوٽ گذري ٿو،
۽چتو ڪو واڄ ٽيڙي ٿو تہ تڙپان ٿو.

*

### ...تہ تڙپان ٿو

مرڻ جي مند ئي ناهيس پر جوڙو،
جيئڻ جي لاءِ جهيڙي ٿو تہ تڙپان ٿو.
شڪاري جوءِ ۾ شهباز پالي پيو،
بخاري مور ميڙي ٿو تہ تڙپان ٿو.

*

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شــرم...

کيتري ڏاڍَ تــو تـوڙ تـاتـــي!
ڏنـبِ ڏئي ڏيهہ جي چِلِي چـاتـــي.
قــوم کوکـي، لـڄن پُڇن يـاتــي،
”شــرم تـــم کو مــگر نهين آتــي؟“

*

زنـــدگي ٽـکـٽـکي وئـــي بـنـجـــي،
شـــاعري، زهـــر جـــي ٿَـوتـي چـاتي.
چـيـچَ ڦـٽـکا وجـهن نـچـي کـاتــي،
”شرم تُـــم کو مـــگر نهين آتـــي!“

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## پـوءِ ڇـا ڪجي؟

واهرو، ويري ٿئي، پـوءِ ڇـا ڪجي؟
روشني ميري ٿئي، پـوءِ ڇـا ڪجي؟
جو ڪري چوري، ڊڪي زوري وري،
سو اچي ڀيري ٿئي، پـوءِ ڇـا ڪجي؟

*

## پـوءِ ڇـا ڪجي؟

زندگي اهڙي آهي، پـوءِ ڇـا ڪجي؟
هائو وهه جهڙي آهي، پوءِ ڇا ڪجي؟
مُنهن نـه رهڙيو آهي جـو مُڪجي ملم،
دوست، دل رهڙي آهي، پوءِ ڇا ڪجي؟

*

## پـوءِ ڇا ڪجي؟

ڇـاهه ڇاڪون ٿي پوي، پـوءِ ڇا ڪجي؟
هانءَ ڦاڪون ٿي پوي، پـوءِ ڇا ڪجي؟
ٿـــر تتو تـاسو گهري ساگـر سـگـر،
مينهن ماڪون ٿي پوي، پوءِ ڇا ڪجي؟

*

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

سمجهڻ جي ڪيمر...

ڪي ٻِپي ٻِپي ڏِ وَ ڌَ تـي ڦوڪون ڏين.
ڪي سُرڪي ڪاڻ ٻه ڪوڪون ڪن.
سمجهڻ جي ڪيمر، سمجهي نـه سگهيمر،
هـن ميخاني جـي هـيءَ اُلجهن...!

*

سمجهڻ جي ڪيمر...

نـئين پــار جـــون ريـهــون ۽ لاڏا،
مرحوم جــي خـــامــوشي، ٻِپتڪا.
سمجهڻ جي ڪيمر سمجهي نہ سگهيمر،
خـــود مطلب دنـيـا جـــي منشا.

*

سمجهڻ جي ڪيمر...

ٻِجت مـاڪ رُئـــي هـــر ورق متان،
اُت مڪڙيـون مشڪن شـوق منجهان.
سمجهڻ جي ڪيمر سمجهي نـه سگهيمر،
ٻـــاغـن ۾ بـهـاري آ يـــا خـــزان؟

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## سمجهڻ جي ڪيم...

آيس تہ هيس مان نامحرم.
وينس تہ اٿاريو ويس يڪدم،
سمجهڻ جي ڪيم سمجهي نہ سگهيم،
هن محفل جا هي ڪم ۽ غم.

*

## سمجهان ٿو

هوا جو پوڻ سان پڪو بہ سمجهان ٿو.
نئون خوشبوءِ جو لهجو بہ سمجهان ٿو.
ضروري ناهي هي دنيا ڪري ڏڏڪو،
مان هن جي دل جو هر الڪو بہ سمجهان ٿو.

*

## سمجهان ٿو

اهو آ انقلاب، آهٽ بہ سمجهان ٿو.
ٿني ڳاٽن جو پيو ٿو ڳٽ بہ سمجهان ٿو.
گجي ٿو گاج، ساگر ٿي زمانو.
انهي گونگي جو مان گهو گهٽ بہ سمجهان ٿو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

soorihsindhiadab

## سمجهان ٿو

ڪچو چاهي، سچو چاهي، سو سمجهان ٿو.
مزو چاهي، ڏچو چاهي، سو سمجهان ٿو.
ڪروڙين سنڌ - جوڌن سان سکهو آهي،
ٻخاري ۾ ٻچيو چاهي، سو سمجهان ٿو.

*

## سمجهان ٿو

نٿو سمجهان مان ڪجهه، سڀ ڪجهه ٻہ سمجهان ٿو.
او اُونهي ڳالهه تنهنجو ڳجهه ٻہ سمجهان ٿو!
ازل کان اڳ ابد کان پوءِ اوندهہ آ،
زمانا تنهنجو منهن چا، پيچ ٻہ سمجهان ٿو.

*

## ڦهر ٿي ويندو

يار جي ياد نہ ايندي تہ ڦهر ٿي ويندو.
چو تہ برسات نہ پوندي تہ ڏکر ٿي ويندو.
وقت، حالات جي تبديل ڪي ڏس، بحث نہ ڪر،
پشمڙو گوڏنچ ٻہ آ پنڊ - پٿر ٿي ويندو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## حشر ٿي ويندو

سچ ويجهو ٿو اچي آگ، ڏکن تي ٻرندي،
ٻوڏ بازر ۾ مزورن جو ڦڪهر ٿي ويندو.
صُور ڦُوڪيانئو اُٿو مٿ، قيامت ٿيندي،
عيش مظلوم لئه، ظالم لئه حشر ٿي ويندو.

*

## بَرُ ٿي ويندو

تنهنجو شيطان ٿو ڪوثر تي بَڌي بَند خدا!
منهنجو فردوس، بيابان ۽ بَرُ ٿي ويندو.
سِنڌ آ ساهه، بنا ساهه نه جِي سگهبو آ،
منهنجا محبوب! سوا تنهنجي گذر ٿي ويندو.

*

## مگر ٿي ويندو

هو سليمان جو ٻولان ۽ خيبر شاهد،
ديوَ بيداد جي ديوار ۾ در ٿي ويندو.
ڪو به انسان لئه ڪم ناهي رهيو ناممڪن،
ماڳ آزاد نه آ منهنجو مگر ٿي ويندو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

### ...تہ بچان!

ايـلاز کي اعجاز بنايان تہ بچـان!
جي قـاز منجهان بـاز بنايان تہ بچان!
ميدان ۾ بيٺو آ اڳيان *بـو قلمون،
ممتاز ۽ دمساز بنايـان تہ بـچان!

*

### ...تہ بچان!

*خوش خيرکي *خوشحال بنايان تہ بچان!
اقـوال کي اعمال بنايـان تہ بچان!
سرمست جي بيتن مـان اٿـاريان اوتـر،
پٽ گهوٽ کي پونچال بنايان تہ بچان!

*

### ...تہ بچان!

وينجهار مهاويـر بنايان تـہ ٻـچـان!
هر شعر مان شمشير بنايان تہ بچان!
تـاريـخ مکو شرط آ تحريک هٿان،
تـدبير سـان تقديـر بنايان تہ بچان!

* بو قلمون جادوگر- ممتاز ۽ دمساز ان قصي جا ڪردار
* خوش خير محمد صوفي شاعر- خوشحال خان خٽڪ پشتون جوڌو شاعر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

### ...ٻچي پٺون!

تحرير ڪي تـرار بنايون، ٻچي پٺون!
ڪوڪار سان ڪٽار بنايون، ٻچي پٺون!
هن ديس لئہ هزار اُٿن جانباز پيا،
هڪ هڪ منجهان هزار بنايون، ٻچي پٺون!

*

### ...ٻچي پٺون!

ٻندوق ۽ ڪتاب سـٽان دسترس هجي،
هوشيار پنهنجا ٻـار بنايون، ٻچي پٺون!
سهڪار امن، پيار ۽ انصاف سان هجي،
ڏهڪار تـو ۾ ڏار ٻـنايون، ٻچي پٺون!

*

### ...ٻچي پٺون!

غدار دوست ٿين، ڏڪاري ٽڪي ڇڏيون،
جهونجهار پنهنجا يار بنايون، ٻچي پٺون!
جيڏا نہ گيت، بيت، قطعا، نظم ٿا گهڙيون،
ايڏا اُٿي هٿيار بنايون، ٻچي پٺون!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorhsindhiadab

## ...ٻچي پٺون!

پـــر مـــار لاءِ هار هٿن ۾ ڪنيون وتـــون،
حـــقـــدار لاءِ هـــــار بنايـــون، ٻـــچي پٺون!
ماري وجهن ٿيون ترَ ڪي مسلسل منافقيون،
جـــي فيصلا سچار بـنـايـــون، ٻـــچي پٺون!

*

## اُٿ، اُٿـــون!

”چاڪجي“ ڪي چڙ ٻخاري، اُٿ، اُٿون!
ڪر تـــڪـــي تڪڙي تياري، اُٿ، اُٿون!
سمنڊ ٿيون، سيلاب ٿيون، برسات ٿيون،
ظلم آهي پـــونءِ ٻـــــاري، اُٿ، اُٿون!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## آدم ۽ حوا

زمانَ ساز وڄايو، ڪان ڄ جهومي پيو،
زمين رقص ڪيو، آسمان جهومي پيو،
ڏٺو لقاءَ فرشتن، بهشت جي وچ ۾،
جوان زال سان هڪڙو جوان جهومي پيو.

*

## پيٽ ۽ پيار

پيٽ ٻارڻ جو ٻاريو، اُجهيو ئي نه ٿي.
پيار ري روح منهنجو رڄهيو ئي نه ٿي.
زندگيءَ کان پڇيم: پيٽ ۽ پيار ري،
ٻيو ڪو ڪم ڪار تو ڪي سُجهيو ئي نه ٿي.

*

## جلوو، جذبو

تنهنجو جلوو منهنجي جذبي سان جڏهن جڙجي ويو،
تنهنجو ڪجهه قابو ٿيو ۽ منهنجو سڀ ڪڙجي ويو.
ديد، ديدن کي قبوليو، دل سان دل لائون لڏيون،
مون ته سمجهيو هو جو پڙهيو آهي سو پڙهجي ويو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

## اُکري، مُهري

سُونهن سچڻ جـــي جهولـــي سمجهيم،
هـــي تـــہ پٽر جي اکـــري نکتي.
محبت چانـــوَ ڇپرَ جـــي پـــانيم،
هـــي تـــہ ٻير جـــي مُهري نکتي.

*

## جنت ٻہ اُها آ

جنت ٻـــہ اُها آ، ڄِت ڦِلندو هوندين!
سي جنتي جن ساڻ تون ملندو هوندين!
دوزخ جو ڏَري هانءُ تـــہ پوندو هوندو،
مُهن ڏانهن نهاري جي تون کلندو هوندين!

*

## نفعو، نقصان

مُهن شوخ نگاهن سان ڦُري دل ورتي،
مون شوق ـ نظر ساڻ سندس حسن کسيو.
هڪ گنج ڦُرائي وري ٻيو گنج ڦُلٽيم،
نہ کو نفعو ئي پيوتم، نہ کو نقصان رسيو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## آهي ڪو؟

آهي ڪو، ڪنهن جي ڪنهن سان پلا دل لڳي جهلي؟
آهـــي ڪو، پـوش پـوش ڪري روشنـي جهلي؟
هـــا، ســوت تــو هزار تباهيون ڪندو وتـــي،
پر هـو سگهي ڪٿي تـــو نئين زندگي جهلي!

*

## ڪافي آهي

تـــون ســـونکي وڻين تـــو، اهو آهي ڪافي؟
مان تـــوکي وڻــان، هي ڪو ضروري نـاهي.
تـــون سونهن پياريـن تـــو پيان تـــو ساقي،
پـــر پيار پيان، هـــي ڪـــو ضروري نـاهي.

*

## حور آهين

تـــون سهڻي تـــ آهين سو ڏسان تـــو وينو،
هن ديس جي فردوس جـــي هڪ حور آهين!
مـــان ڏاڍو گنهگار، مـــان ڏاڍو ڪـــوجهو.
هي ڪيڏي ســـزا آهي جـو تون ڏور آهين!

*

sooriisindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## آلا...!

محبوب ۽ مشتاق ٿـي پـالين، سانڍين،
ڪيڏي نہ حسين آهـي او دنيا! آلا ! !
حورن جـو وطن آهين وٽين ٿي ڏاڍي،
جنت جـي زمين آهين او دنيا! آلا ! !

*

## اگر سهٽي هجي!

آڳـ جي درياهہ ۾ ٻوڙي ڪڍان،
هُن ڪناري تـي اگـر سهٽي هجي!
زندگي ڪوجهي ڪان ڏاڍيو ٿـو ٻچان-
موت ـِجي ئـي پـر خبر سهٽي هجي!

*

## مگر سهٽي هجي!

ڀِڪ وجهي ساڏس سمهي ماٽيان مـزا،
مان مـران جهٽ جي قبر سهٽي هجي!
ڪر قيامت ڪير ٿـو روڪئي خـدا-
شـرط هڪڙو آ، مگر سهٽي هـجي!

*

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڇا توکي چوان؟

جان پنهنجي جند پنهنجي دلربا توکي چوان.
پر اهي ٿئي بيوفا ڪيئن بيوفا توکي چوان؟
ڪفر ٿيندو خود خدا يا ٻيو خدا توکي چوان.
مان وڏي ويچار ۾ آهيان تہ ڇا توکي چوان؟

*

## حسن، عشق؟

حسن کي سمجهي يا سمجهي عشق کي؟
قيس ري مڪتب مان کو مجنون نہ ٿيو.
حسن - يوسف کي کپائي کن چڙيو،
کو زليخا وانگيان مفتون نہ ٿيو.

*

## اوٺر، ساگر

عشق منهنجي جا اٿيو اوٺر پون.
سونهن تنهنجي جا لڳيو ساگر پون.
ڪيئن تہ ٻانهن جي ڪنارن جا وڪڙ-
چاهہ جي ڇيلهن ۾ ٿا هر هر پون.

*

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## معجزو

نظر سان سرڪ ميڙيندو وتان تو.
چپن سان چاهه چونڊيندو وتان تو.
ڇهڻ بن ساز ڇيڙڻ معجزو آ،
سڪڻ سان سونهن ڇيڙيندو وتان تو.

*

## مهرباني!

مونکي تڙپائڻ، طبيعت، مهرباني!
ساٿيو بخشيئڻ، محبت، مهرباني!
ويس بچي جو راههَ جو پٿر نه ٿيس،
دردمندي، دل جي دولت، مهرباني!

*

## تحريڪ

هل هاڻ ته مڪجيس عَلم ڪا موسم!
تُڙَ تُڙَ ڪان چمن چيرجي پيو آهي.
هن تانگهه جي تقدير بنائي شايد،
هڪ عشق، جو تحريڪ ٿي پيو آهي.

*

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جگر- جهير

استاد بخاري جـــي ڏِســـي دل زخمي،
هـــر لفظ جگر - جهير ٿـــي ايندو آهـــي.
هڪ دوست جي غمگين ٿَڏي تي جيئڻ ڪو،
ٻـيــو دوست ٻـــ دلگير ٿـي ايندو آهـــي.

*

## سنڌ جون حُورون

ساميءَ ڏي منهنجي سنڌ جون حُورون هلي اچن !
روئن ته: منهنجي خاڪ تي تارا ڦٽي پـــون.
مُرڪن ته: ڪُنڊ ڪُنڊ تي موتيا ڪڙي پون،
ســوڻن ته: ڪي ملائڪ پـويــان لڳي پون.

*

## جيون جرجلو

تون ڪونئي مُرڪ سان گڏ سُرڪ پيارين ٿي.
زمـانـو، ٻـــاهه جـــا شعلا اُلاري ٿـــو.
تــون سُرهي سيج، پاسي ۾ ويهاريـــن ٿي،
ته جِيوَن جَـــرجلو ٻنجي اتـــاري ٿـــو.

*

sindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## گلابي زندگي

گـلابـي زنـدگـي تـوسـان ـِمـلان تــو.
الائـــي كـيـتـرا ـَكـنـدا لـتـاڙي.
تـڏهـن چهرو مـكڻ تـنـهنجو ـُچـمان تــو.
جڏهن مان تــو اچــان تـــوتا چپاڙي.

*

## تـــون

زمـــانـــو ـُدور دردن ۾ تـــو اَچلائـي.
تون ڊوهي مونكي قربن جو آجهو ڏيـــن ٿي!
تني ءَ ريتيءَ تـي مـون كي وقت تَچكائي،
تون ڊوڙي پنهنجي زلفن جـو آجهو ڏين ٿي.

*

## تقدير لوڏي ڏس!

تون زلفن ۾ لكين ٿو، زور جا زنجيرلوڏي ڏس!
ـُچهين ٿوتر ڳلن جا، ترم گهرجا كيرلوڏي ڏس.
پپر ۾ پينگهه جيڏن ساڻ لوڏي روز ـُجهومين ٿـو.
جوان آهين نہ قيدي ـ قوم جي تقديرلوڏي ڏس!

*

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## او عشق !

مون ننڍي هوندي ٻڌي تنهنجي وڏي ساراهہ عشقَ !
پر جواني ۾ وڌ ساڙي، لڳئي شل ٻاهہ، عشق !
منهنجي زاري آ بخاري، ڪير ٿيندو آهيان سان،
ميهر ۽ مجنون جهڙن جا ڪيا تو لاهہ عشق !

*

## او عشق !

ڪيترن جا ڏڙ، سريون ٿي ويا صفا ڀهہ، تہ آڏا،
وقت جي پڙ تي عشاقن جا ٻڌا تو گاهہ، عشق !
حسن آ محبوب سو مغرور رهندو ئي پيو،
توکي جيڪا ڪاهڻي آهي وڃي سا ڪاهہ، عشق !

*

## مسافر سهي

تعلق هو تو سان هڪ ٽڙ سهي،
انهيءَ ٽڙ تان قربان هڪ سر سهي.
چُميم تنهنجيون ديوارون، در هڪ صدي،
او مهمان - گهر، مان مسافر سهي!

*


Scanned with CamScanner
soorhsindhiadab

## شاعر سهي

*امرتا نـــ تون، مان نہ *ساحـر سهي،
لِکي پئي لڇياسين نـہ ظـاهـر سهي.
تون منهنجي سچي عمر جـــي شاعري،
مـــان تنهنجو سچي عمر شاعـــر سهي.

*

* امـرتـا پـريـتـم

* سـاحـر لـڌيـانـوي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ”هڪ شخص“

هڪ ديس جو هڪ دور هيو ٻنهي ويران،
ويران ٻه اهڙو جو بيابان لڳي پيو.
”هڪ شخص“ انهي سڄي فردوس درخشان،
هر پير گلستان - گلستان لڳي پيو.

*

هڪ شخص ”يتيم“ آهي، يتيم آهي اهڙو،
دنيا جي يتيمن جو نگهبان لڳي ٿو.
هڪ شخص عظيم آهي، عظيم آهي اهڙو،
منان ڪانپوء، سڀ ڪان مهامان لڳي ٿو.

*

هڪ شخص ”امين“ آ، نه رڳو مان ٿو مڃان پر،
دشمن ٻه مڃن ٻيٺا امانت ان جي.
هڪ شخص ذهين آ، نه رڳو مان ٿو چوان پر،
تاريخ ٿي ثبت آهي ذهانت ان جي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

*

هڪ شخص جو انسان آ، ايڏو تہ عجيب آ.
اطوار ۽ اظهار ۾ يزدان لڳي تو،
هڪ شخص پڙهيو ڪونہ آ، ايڏو تہ اديب آ،
جو اُنَ چيو، الله جو قرآن لڳي تو.

*

هڪ شخص چڙي شهر، وڃي غار ۾ ويهي،
افلاڪ تي، آفاق تي، سنسار تي سوچي.
هڪ شخص پري *شام جي بازار ۾ ويهي،
پر مار تي، زردار تي، نادار تي سوچي.

*

هڪ شخص گهرو پيار ڪان هڪ وار نہ واندو،
سنسار جي سينگار لئہ آزار سهي پيو.
هڪ شخص ڪڏهن نرڙ مٿان گهنج نہ آندو،
انصاف جي آواز تي تلوار ڪٽي پيو.

* شام ملڪ جي ڪنهن بازار ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

*

هڪ اسم، اکر چار ڪو ٽيڪو ٻہ تہ ناهي.
پر ڇئن ڪتابن جو آ عرفان انهيءَ ۾.
هڪ جسم، ڇون جنهنجو ڪو پاڇو ٻہ تہ ناهي،
ادراڪ ۽ وجدان آ حيران انهيءَ ۾.

*

محبوب خدا ڇئو ٿا، خدا جي نہ مجي ڪو؟
مونکي تہ اهو فخر آ، محبوب - بشر آ.
حڪمت نہ نبي زنده مجي، آءَ ادب ڏي،
قرآن جو هر لفظ ثبوت آ تہ امر آ.

*

هر ريت ڪٿي نعت، ستارا نعتون،
ٻرسات، نديون، نهر جا ڌارا نعتون.
استاد جا اشعار تہ ڇا او شاعر،
قرآن جا ٽيهيئي سپارا نعتون.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## لال لطيف

لال لطيف جي ڳالهه هلي پئي يارن ۽ اغيارن ۾،
بيٺڪ بيٺڪ، محفل محفل، اوطاقن، اوتارن ۾.
سنڌ کويءَ جي سچي سارهه، چمڪي چنڊ، ستارن ۾،
گلشن گلشن، صحرا صحرا، درياهن، ڪهسارن ۾.

*

شاعريءَ جي آسمان جا آفتاب،
تنهنجا روشن شعر ذهني انقلاب.
ذات توڙي ذات توڙي لات ۾-
شاهه شاهنشاهه آهين لاجواب.

*

"ڪن" گهڻوئي ٿي چڪاسين او لطيف!
ويڻ ڪائي، "وات" ٿيا آهيون اسين.
ڪالهه تائين ٿي ڪتاسين ٿي پڪر،
اڄ ڦهر تي ڪات ٿيا آهيون اسين.

*

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

”صبر جن جو سينگ“ پنهنجي جاء تي،
حق لئہ آواز ڪرڻو تو پوي.
سنڌ جي سِر ڪاڻ، ڪارايل جا سُر،
هنج ڪي شهباز ڪرڻو تو پوي.

*

اجرڪ - اجرڪ، پَٽڪو - پَٽڪو،
هرهڪ هوشو، هرهڪ دودو.
سنڌي جذبو، سنڌي جلوو.
تنهنجو روضو سنڌ جو ڪعبو.

*

اترادي، لاڙيچو آهين،
ٿاريلو، ڪاڇيلو آهين.
ڇڏ احساس اڪيلائيءَ جو.
لال - لطيف جو ميلو آهين!

*

soorhsindhiadab

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

چون ٿا تہ تون شعر جو شاهہ آهين،
گهڻن جي نظر ۾ شهنشاهہ آهين.
شهنشاهہ ۽ شاهہ کا چيز ناهن.
سيد، سنڌ جو ساهہ، ويساهہ آهين!

*

پٽائيءَ جي ميلي تي پيرن عوض،
اندر جي اکين ساڻ هلبو ضرور.
مٽي سنڌ جي مان جنهنکي ڏنو.
متو تنهن مٽيءَ ساڻ ملبو ضرور.

*

پٽائي تون هن پونءَ جو پانُ آهين،
اپونئن لئہ دولهہ دريا خانُ آهين.
ٻُکين کي مِنو آهين تون نانَ کان،
پڃن جي ڪکن ۾ ڪتو ڪانُ آهين.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

*

سون آهي ڪئين ٻار ڏٺو، يار پٽائي،
محفل ۾ مليو مانس هيو هارُ پٽائي،
مقتل ۾ ڏٺو مانس تہ تلوار پٽائي،
اغيارَ! خبردار، آ ٻيدار پٽائي!

*

ڪلهہ رات، وطن لاءِ دعائون پڙهي گهريائين،
اڄ رات، سڄي سنڌ تي چئونڪي پڙهي ڏنائين،
تنهن ڏينهن رڳو ڪانهن جون ڪلڪون پئي گهڙيائين-
اڄ صبح ڏٺو مانس کهاڙيون پئي ٽپيائين.

*

پٽ گهوٽ جي هستيءَ تي لکڻ تہ چاهيان،
ساڙهيءَ ۾ وڏو سمنڊ وجهڻ مشڪل آ.
ساڻهن جي محبت ڪي ڪتڻ تہ چاهيان،
مهراڻ جي چولين کي ڳڻڻ مشڪل آ.

*

soomhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## *سچل ڪانگريس - امن قافلو

هيڪار ڪي ديوار سان ظالم، نہ ورهايو!
هڪ جسم ڪي تلوار سان حاڪم، نہ ورهايو.
ڄڄ، چنڊ جي چمڪار کي ڪنهن ملڪ ونڊيو آ؟
فنڪار، قلمڪار ۽ عالم نہ ورهايو.

*

ڪيلاش ۽ ٻولان جي خوشبو تہ سنگهو،
هي گيتا ۽ قرآن جي خوشبو تہ سنگهو.
ڀڳوان يا يزدان ڪلي خود ٿو چوي-
انسان ٿي، انسان جي خوشبو تہ سنگهو.

*

هِن پار ۽ هُن پار جي هيڪار سنگهو.
هِن يار ۽ هُن يار جي هيڪار سنگهو.
پختون، بلوچي هجي يا سنڌي، پنجابي-
سچار ڪلاڪار جي هيڪار سنگهو!

* ٢٦ نومبر کان ٢ ڊسمبر ١٩٨٩ع تائين سڪا طرفان سچل ڪانگريس ۽ امن قافلي جي سلسلي جا ڪي شعر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

*

هـــي اديبن، عـالمن، دانشورن جـو *قـافلو،
ڪرڙو ڪرڙو سج، ڌرتيءَ جي سجن جو قافلو.
ڏينهن، راتيون ڇا وڪون ماپيندو تنهنجون ارتقا،
ڪالهه جو، اڄ جو، سياڻي جي سنن جو قافلو،

*

قسمتون لکندڙ اوهين، لـوح ۽ قلم جـا پاسبان،
ديس جي ڌرتيءَ جا خادم، عظمتن جـا آسمان.
روشنيءَ جا ڪاروان! آ ڪهڪشان تنهنجي ڏنڙ،
منهنجي تن جا تر جا جذبا ڪن ٿا تنهنجي آجيان.

*

وڻ ڊٺيا عنوان، ڏنگـــ مـضـمـون ٿـــيــــا،
اســـن ويـــو وک وک تـــي لکندو قافلو.
هڪ نئين خـــوشبو ۽ هڪ نـــئين روشني،
ٻستي ٻستي ويـــو ونـــدينـدو قـــافلو.

* سچل امن قافلو جو ڪانفرنس بعد سنڌ ۾ هليو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorhsindhiadab

## ........؟؟؟

راتِ ڀِنيءَ جو لاڙ ڇڙن جي،
منجهه ڇِڇر تي ٻُرندي آهي،
گُونج رسيلي تنهنجي چپن جي،
منهنجي چپن تي ڇُرندي آهي.

*

منهنجي سامهون سخت ڪمند جون،
ڇيتيون نيٺ ڇلينديون ڇو آن؟
ڳوري مُهريءَ ساڻ ڏِگهر جي،
ساريون پاڻ ڇڙينديون ڇو آن؟

*

آئيني ڪي ڳاڙها ڳلڙا،
سينگاري آڇينديون آهن!
ڇو وينگس تون جوين-جذبا،
پاڇن ۾ ورچينديون آهن؟

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

*

مُرڪي مُرڪي اڄ تو سهڻا،
منهنجي دل جي پٽ تپري.
پير ڪُپن پر ڪيئن نظرن جا،
تنهنجو سينو اُيڪپري.

*

ڳوٽ سڄي ۾ ڳالهه هلي وئي،
سونهن نئين ساماڻي آهي.
جيڏان ڪيڏان جهار وڏي پر-
اک هن جي ڪانياڻي آهي.

*

تنهنجي هاٿي ڪانگڙ ڪانو،
تنهنجو سينو سنگ - پتا.
تنهنجون ڳالهيون ڪچڙا آيون،
مکڻ چاڙا گول - ڳتا.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

*

هت ۾ ڏاٿو، ڪيچ ۾ ڪارو،
وڪ وڪ لڪ جو لامارو.
لاباري تي ويندي - ويندي،
لاهيندي وئي لاباارو.

*

منهنجي ڳل تي ڳوڙها لاڙيون،
ڪڙ ڏي ٻوڙيون تاسيون ڀڪريون.
تنهنجون نظرون منهنجون نظرون،
خير خدايا، ڪنوڙيون ٽڪريون!

*

ڇڪ، منهنجو شوق مڃي نه مڃي!
وچ شهر ۾ چوڏڪ ڳهي نه سگهيس.
مونکي کهڙو پتو ته ڏيکو ٿو وڃين،
گڏ - گوڏي مرڪ ڇمي نه سگهيس.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

*

تون ِسرڪي ساز ُڇهي نه سگهئين.
مان پاڙهئي پاڻ ِچڙي ٻه ويس.
َچپ َ تنهنجا گيت چون نه چون،
مان چنگ وانگي ُڇهٽي ٻه ويس.

*

تو تي ماڪيءَ جون جاچيون َمڪيون،
جي وجي ُٻور َسان تي ٻڪيون.
تنهنجي ڇهري تي بوندون ٻگهر جون،
منهنجيون ڇهٽيون انهن سان اڪيون.

*

ُسونهن - هرڏي، تون ڪيڏو وڏين تي!
ِنينهن آ شينهن ڏاڍو ڏ ران تو.
وقت يا وير يا واءُ ناهيان،
جي سڏين تي ته ُسهٽي وران تو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

*

جوين جذهين هتندو آهي.
هاري بازي كتندو آهي.
سورج جيئن جيئن لڙندو ويندو.
تيئن تيئن ڏاڍو وڌندو آهي.

*

جوين جيڪو ميڙيو چونديو،
پيريءَ منجهه لُٽائي ڇڏيو.
سانوڻ پهريان گجندو گڙندو.
ويندي وقت وسائي ڇڏيو.

*

توکان سُونهن پنيري ٿي وئي،
ڳاڙهي پير وجي جيئن اُڪري.
مون کان عشق جدائي ويو آ،
ڏاريل باز وجي جيئن اڏري.

*


Scanned with CamScanner

*

ساز چنل کي ڇيڙيـن ڇـوٽي؟
نارَ ڪنهيل کي گيڙين ڇوٽي!
منهنجي ٻوڪ ٻوڪ آس ڪنڊيڙي،
ڀنهن جي منهن سان ميڙي ڇوٽي.

*

اِئين هٿ تي نوٽن جا جوراب چاڙهي،
حسينن جي ڇاتيءَ کي ڇُهندو نه ڪر!
نظر تي ٻکڪي کيپ جا خواب چاڙهي.
تون خوشبوءِ جي ڇهري کي ڇهندو نه ڪر!

*

جي گرم، تکو تير ٿـي ايندو آهي.
جي نرم، ٻنو کير ٿـي ايندو آهي.
تون فون تي ڳالهائيندي آهين مون سان،
آواز ٻـ تصوير ٿي ايندو آهي.

*

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

سونهن، تنهنجي سرور جو نالو.
ناز، نخرو، غرور جو نالو.
واعظن چپ چڪي وڏا پنهنجا،
سون ڪنيون آهي حور جو نالو.

*

جڳ جڳ سنگت سپنا،
ختم نه ٿيندا ڪن ۾.
تو سان ملندس پيو مان،
ساهت جي صحن ۾.

*

پير ڪنيا اڪ اولا، اگرا،
پر ٿي دل پئي ٿوٿا ٺڪرا،
سپ سنجي پر سونهن نه سنجي،
هٿ نه اچن ٿا سهٽا سترا.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

*

شمس رو جو شهر اڄ ڪاهه آهي ڇڻ شمسي نظام،
سو سيارن جان وتن ڦرندا سندس ديوار کي.
خوش نہ ٿي تون ايڏو آئينا تہ توڏي ٿو ڏسي،
سوڏهن پنهنجي آ وڏي وئي سونهن - سرجڻهار کي.

*

ڀيار ويندڙ مسافر کي ايڏو نہ ڏي!
ڪوڙ صدما ڏنئہ، هي تہ صدمو نہ ڏي.
ڇڏ تہ شوخيءَ جي ڪنڊن سان گذري وڃان،
مرڪي مرڪي چنبيليءَ جو لوڙهو نہ ڏي!

*

مرڪڻ سان گڏ گفتا تنهنجا،
مون ٿي چوندبيا موتيا، مگرا.
ڪنوڻ ڪئي پئي تو کي وهوا،
مينهن ڏنا پئي مون کي مزرا.

*

soorihsindhiadab



Scanned with CamScanner

*

دل چـــون تـــا وڏو خـــزانـــو آ.
هڪڙو پـئسـو قـرار ئـي ڪـونهي.
آڻ ڪـــتيـو آڻ ـميـو زمـانـو آ،
ساهـــ تــي اعتبار ئــي ڪـونـهي.

*

بـي درد زمـانـو پـانـيـان تـــو،
سـمجـهايـل ڪـنهن بــي پـير جـو آ،
نـ هـو ورسـايـل تـقـديـر جـو آ.
نـــ ڪـو ڏاتيل ڪنهن تـدبير جـو آ.

*

هــيءَ رات تـــ ڪهڙي، ڪوڙهــي آ،
هــيءَ لاٽ بـــ سـاڳـي پـوڙهـي آ،
هـن هـيـڏي پـونءَ ڪـشـاديءَ تـي،
هـيءَ واٽ تـــ ڪـيـڏي سـوڙهـي آ!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

*

ڪنهن وقت پتو ناهه تہ ڪنهن ڪاڻ ٿو تڙپان،
”بي انت ڪماڻ“ آهي هنيون ٻاڻ، ٿو تڙپان،
”ڇا لاءِ“ جو پڙلاءُ ٿو ٻولار ۾ گونجي،
ان فڪر جي ٿهلاءَ ۾ اڏاڻ ٿو تڙپان.

*

هي دانهن گدا، شاهہ، ڏئي ڏيان ٻڌو،
ڪو ڪنهنجي قيامت ۾ حفاظت نہ ڪندو.
ميدان ۾ ميزان اچهو ڇاڻ ڪُتو،
نئون دور تہ رهزن سان رعايت نہ ڪندو.

*

قرب ڪي بيشڪ قرب ملي،
رعب جو غلبو رعب پيچي،
لوهہ کي زبرو لوهہ ڪٽيندو.
چاهي سچي يا ڪو نہ سچي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

*

جو ڏسان ٿو خواب سوسهڻو ته آ پيارو ٻــــ آ،
سرسلو تعبير جــو ڪوجهو ٻـــ آ ڪارو ٻـــ آ،
مان گهران سختيءَ سان ٿو ٻولي متي ماڪي ٻچي-
تنهنڪري لهجو ٻٽيو ڪهرو ٻــــ آ ڪارو ٻه آ.

*

تــنهنجي اکـــ ۾ نــظــر ڪتي آهـــي؟
جــســم آهـــي جــگــر ڪــتي آهـــي؟
هوندئن تـــ سڀ ڪجهه آ دور ٿو وٽ پـــر،
شـــرم تـــوکي مــگــر ڪــتي آهـــي؟

*

جـهـڙو عـــابـــد اهـــڙي عـــبـــادت.
جـهـڙو حـــاڪـــم اهـــڙي حـــڪـومـــت.
انــگــ تـــ گهر گهر ويڄڻ ٿـــا پــيــا،
ننــگــ بــچــڻ تـــ ٻـــ ســجهو نـعمت.

*

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

ماڻهن ڏنا هٿن سان، ماڻهن جا ووٽ آهن،
ماڻهن وندڙيون ستايون، ماڻهن جا نوٽ آهن.
شاعر کي قتل غارت تي اعتراض ڇو آ-
جي گهائجن، کسن تا ماڻهن جا ”گهوٽ“ آهن.

*

ڌرتي جي ماڳ جي حفاظت، ماڻهن جي هٿ ۾ آهي.
هر ڪار ڇا قيادت، ماڻهن جي هٿ ۾ آهي.
ماڻهو اجا ٻڌن جا ماڻهو نه تي سگهيا نه ته-
قادر ته سونپي قدرت، ماڻهن جي هٿ ۾ آهي.

*

عيسيٰ چيو: ڪمال آ، ڪمزور جي مدد،
موسيٰ چيو: ڪمال آ، شهزور کي ڏڏڪ.
مان ڏو چوان سنڀال رڍن جي اٿو ڪريون،
ڪوڙيون ڍگهڙ کي نرڙ ۾ بندوق جا به ڏڪ.

*

soorhsindhiadab


Scanned with CamScanner

*

حڪومت جا نڪتا، حڪومت تي ڇاڻي.
مصيبت جا ڏڏڪا ته رعيت تي ڇاڻي.
ســـزو ايندو ڪمزور ڪـــي مصلحت ۾،
تشدد جو پيڪو ته دهشت تي ڇاڙي.

*

شريف شهر جو نـالو ذليل ٿـــي پيو آ.
رفيق راهـــ بدلجي رذيـــل ٿي پيو آ.
عـــلاج خـوفزدو آ جـو درد غنڊيو آ،
حڪيم پاڻ ڪـڏو ڪو عليل ٿي پيو آ.

*

دهشت گرديءَ آهي وڏايـــو ڌرتيءَ تي،
”پرچو - پرچو“، ”ڀچرو - ڀچرو“ جو ٽڪراءُ.
ڪنهن به نه ڪاٽي آهي ڪرايو ڌرتيءَ تي،
جيو - جئڻ ڏيو، ڏاڍو گابو جـــو پرچاءُ.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

*

محبت ڏاران، محنت ڪهڙي.
محنت ڏاران عظمت ڪهڙي.
همت، حڪمت، غيرت ڏاري.
نه ته ڪونڌر جي قيمت ڪهڙي!

*

هن ڪي جهٽڪيم ڪجهه غيرت ڪر!
گرندي پونڪيو: غيرت ڪهڙي؟
اٿ اٿ غفلت جي هن گند مان.
شاعر ٺوڪئي ٻي لت ڪهڙي!

*

لڳاتار پرمار، دمدار ڪڪرن مان دهشت وسي پئي.
اُتي ڪو ته طوفان ڪڪرن جا پرزا اڏائي ڇڏي.
تشدد جي بي ترس اندڻ هتن مان اذيت وسي پئي.
اُتي ڪو تہ انصاف، ڏاين جا ڏوڏا وڍائي ڇڏي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorhsindhiadab

*

گگهه اونده چانوڻيون شعلن جي سينن ۾ هنيون،
ڪڪ ڏي خوشبوءِ ڏنهنجي سنڌ سنڌ ۾ گهر ڪري.
ڪينسر جو تو اڃا ڏائين نه ڳوليو آ علاج،
مان مري ويس، او عظيم انسان تنهنجي دير ڪري.

*

محبت ڪي او محبوب! مگٿهار نه سمجهو،
هي ذات وڏي بات آ، ڏاتار به آهي.
استاد رڳو سونهن پرستار نه سمجهو،
پيدا جو ڪري سونهن اهو پيار به آهي.

*

منهنجو تون پيار پگهاري سگهنديون؟
نانهن ۾ نينهن ڪي ڳاري سگهنديون؟
هو جو سون ساڻ هميشه آهي.
اهو الله نه ساري سگهنديون!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

*

گلاب سان ٿوهر ڦُٽو، ڏِٺو آ مون،
شباب کي ڪينسر لڳو، ڏٺو آ مون.
نگاهه ۾ ڪوڪا، نراڙ ۾ شعلا،
خيال ۾ خنجر کُتو، ڏٺو آ مون.

*

مصيبت ۾ روئڻ جي عيوض ٿو مُرڪان،
محبت جي قيمت ادا ڪرڻي آهي.
مان پيو ٿو لڳاتار سڪرات پيو ڳيان،
ها، جِيوت جي قيمت ادا ڪرڻي آهي.

*

هڪ زندگي مِلي آ، پر سا بہ سُور هاڻي،
مولا جي مهربانيءَ ۾ ٻي ملاوت آهي.
محشر ۾ تنهنجي رحمت جو آهي هي نظارو،
هيڏانهن آ جهنم، هيڏانهن جنت آهي،

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

*

ماتام ۾ گيتن کي نچڻ کو نه آيو،
سڏکن ۾ هئي سنڌ، کلڻ کو نه آيو.
جنهن ديس جي غدار سان آ ناهُ ڪيو،
استاد کـي ان ساڻ نهڻ کو نه آيو.

*

جذبات ۾ محتاط رهڻ کو نه آيو.
درياهه کي * سونهين ڏي وهڻ کو نه آيو.
محبوب جي محفل مان اٿڻ مشڪل هو،
مظلوم کئي ڪوٽ، ويهڻ کو نه آيو.

*

محبوب سڏيو ُپهچ، اچـي پهتو هان.
تنور هئي وات، پـچي پهتو هان.
چڪچور ڏسي حال نه ڪر غم دلبر،
تو وٽ ته بهرحال، بچي، پهتو هان.

* ٻاڏيءَ جي ڪسي.

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

جو تـــڙپـي اٿيو سـو غـــريب آهيان،
جو جـــاڳي پـيو سـو نـصيـب آهيان.
بهرحـــال يـــارو عـــجـيـب آهيان.
اوهانجو ئـــي شاعـــر، اديـب آهيان.

*

* مونکي جيئڙي ئي پـــورڊو ٿي ويـــو،
تنهنکري ٿـــي پيـوت آهيان مـــان.
سنڌ جي ٻـــن ڪروڙ جـــوڌن جـــي.
زنـــدگيءَ جـــو ثبوت آهيان مـــان.

*

ڪـا ذات بـخاري نـــہ بقادار آهـــي،
پـــر ذات جيالي تـــہ جيالي آهـــي.
هيڪار گواهہ آهي تـــہ گلزار آهـــي،
گلزار ثبوت آهـــي تـــہ مالهي آهـــي.

* سنڌي ٻولي ٿي چوي.

soonhsindhiadab

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

ستار، رب آهين، راحم، رئوف آهين،
سونکي ٻڌاءِ توکي قهار ڪنهن بنايو؟
انسان جي طبيعت ۾ خود ڏي فتنو هو پر-
شيطان کي اسان لئه آزار ڪنهن بنايو؟

*

جيون - ٻن ۾ ڪوئل ٿوا، ايڏو ڪوڪيو،
ڀئن جي ڪن ۾ پرندي تنهنجي ڪوڪو رهندي.
مالهي تنهنجو جيون - جذبو زنده رهندو،
باغ به رهندو، رنگ به رهندا، خوشبو رهندي.

*

مان سچ، سچ، دز ۾ ڏيڄي ڪڏهن نه سگهندو،
جهڙ ۾ گهڙي به سورج ته به روشني ته رهندي،
استاد، دوست دل جو ڇڄندي به ناهي ڇڄندو-
جي دوست ڏور ويندو ته به دوستي ته رهندي.

*

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

ايڏو تو سنهنجي زندگيءَ ۾ زندگي ڀري.
جو درد جي گدام ۾ پئي آ خوشي پري.
تيلي جو تون هٿين ٿو، جهجهڙ ٿي پوان ٿو مان-
مان ٻنبل، ٻنبل ۾ بس پئي آ روشني پري.

*

هڪ ذات ڪي هڪ ذات مٿان ناز آهي،
هڪ طرز ڪي نئين طرز جو اعزاز آهي.
استاد بخاريءَ جو تعارف هي آ-
هن دور جي احساس جو آواز آهي.

*

ناساز ڪي دمساز بڻايو آ مون،
ايجاد جو انداز بڻايو آ مون.
پاتار ڪان پولار پڙاڏو گونجي-
آواز مان آواز بڻايو آ مون.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

*

ٽٽو دل جو شيشو ٻنائي نہ سگھبو،
ڀڳو ڏار وڻ جو لڳائي نہ سگھبو.
اهو استاد مشهور آهي ڪڏهن-
ويو وقت واپس ورائي نہ سگھبو.

*

بي شعور آپ، زمين آهي، فهيم آ انسان.
مونکي علمن جو قسم آهي عليم آ انسان.
هو خسيس آهي، خوار آهي برابر ليڪن-
پو بہ انسان ۾ اميد آهي عظيم آ انسان.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# رباعيون

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تحرير تي تڙپي

هڪ تيز ڌتي ڪلڪ ۾ تحرير تي تڙپي.
چڙهه باهه گهڙي مياڻ ۾ شمشير تي تڙپي.
انـــڌير جا زنجير يـــا دريا جا ڪنارا؟
تحريڪ جي اوتر تي ڊڪي سير تي تڙپي.

*

## پڪارون

نـــادن ۾ نـغارن ۾ ڦڪارون تنهنجون.
ڊگيدين ۾ غـــدارن ۾ پڪارون تنهنجون.
او سنڌ، سچل، شاهه مقامن ســان ٻڌيون،
قـــومن جي اِدارن ۾ پڪارون تنهنجون.

*

## او قوم!

تاريخ نـــه بخشيندي خطائـون تنهنجون.
او قـــوم ڄـڙيون سخت سزائون تنهنجون.
مجهول آن، ماضيءَ جي مريض آهين تون!
مقبول دعائــون نـــه دوائـون تنهنجون.

*


Scanned with CamScanner

## هڪلون

آڪاس جي ڪجڪوڙ ۾ هڪلون تنهنجون.
هالارجي ڱنگ - ٻوڙ ۾ هڪلون تنهنجون.
استادؔ جي احساس ٻڏيون ساميءَ سان.
ڪنڊڪوٽ ۾ *ڪاٺوڙ ۾ هڪلون تنهنجون.

*

## جڪڙجي ويا سين

رخسار جي شعلن ڪان بچي نڪتاسين.
زلفن جي سياهيءَ ۾ پڪڙجي پياسين.
ڀورن جي تسلط ڪان ڇٽاسين مس مس،
ڪارن جي غلاميءَ ۾ جڪڙجي وياسين.

*

## رتو چاڻ

انسان ٻـ ان ريت رتو چاڻ تي نڪتا.
جڻ جهنگ منجهان جيت رتوچاڻ تي نڪتا.
تهذيب ڪٺي ڀوت ڪي ڇڪيو سو رت،
گفتار تـ ڇا گيت، رتو چاڻ تي نڪتا.

* ڪاٺوڙ : ڪراچيءَ ڀرسان هڪ ڳوٺ، آزرؔ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## انڌير کي ڌڌڪ

هن زندگيءَ کي موت جي سر تي سوار رک!
هٿ ۾ ترار حق وٺڻ لئه تيار رک!
انصاف کي پڪار، ڏي انڌير کي ڌڌڪ.
پنهنجو ديس جي مدد ۾ اميدون هزار رک!

*

## ڪانڌ ڪا سوغات

اڌ رات جي اونداهه ڪان پرڀات وٺون ٿا.
گهمسان ۽ گجگوڙ ڪان برسات وٺون ٿا.
هر دور جي هر ديو ڪان هن ديس جا دودا،
مجبور ڪري ڪانڌ ڪا سوغات وٺون ٿا.

*

## استاد به انسان آ

مهراڻ جي آچار ۾ گرڪي نه ڏٺي ٿو؟
برسات ۾ ء ميل جي ڌرتي نه ڏٺي ٿو؟
استاد بـه انسان آ، انسان آ خطي،
سنسار جي جنسار ۾ غلطي نه ڏٺي ٿو؟

*


Scanned with CamScanner

## پنهنجن ۾، غيرن ۾

پيڙهن کي، شڪايت آ، گهميل واءُ گهلان ٿو.
بنگلن ۾ گلا آ تہ ٽِڪي ُلڪ لڳان ٿو.
پنهنجن ۾ پچر آهي رهان ڏو خاموش،
غيرن ۾ آ گوگاءُ تہ ٿيو گاج گجان ٿو.

*

## ٻيج - ٺاھ

تاريخ رتوڇاڻ ٿي ميندي ٿي َمڪي.
نئون دور نئون گهوٽ ٿي ڳانو ٿو َٻڌي.
ٻيج - ٺاھ سان قدرت جو وڏو چاھ آهي.
جي جنگ هجي بند تہ ٻونچال اچي.

*

## اي ڪاش!

آڙاھ، توسان تڪڙو وسڪار ٿي ُپڇان!
آزار، تنهنجي ٻت ۾ تلوار ٿي ڪپان!
اي ڪاش، سنڌ جنت بنجي پوي تہ پو؛
ٻاغن ۾ پينگهہ، پنهنجي هڪ ُحورسان لڏان!

*

soorhsindhiadab



Scanned with CamScanner

## ڀلي ڀيا ڀئونڪو!

جي ڏوم مچايون تہ ڏڪن جو ٿڦڪو.
جي روح ڪرايون تہ چٽو ٿا ڏهڪو!
جو ڪرڙوائٽون هاڻ ڪري چڪنداسين،
ڀرسار، پڻي وات ڀلي ڀيا ڀؤنڪو!

*

## ڪيڙي سو ميڙي

اوناهہ جي آپيت ڪي ڪيڙينداسين.
هرجاتہ، نئين جوت پکيڙينداسين.
هي فصل نئين فڪر، نئين موسم جو.
ڪيڙيو بہ اسان آ، اسين ميڙينداسين.

*

## انسان مهامان

انسان * مهامان ٿي رهٽو آهي.
هر نهر ڪي درياهہ ڏي وهٽو آهي.
هر ڪڙم ٻڏي، قوم سڏي ٿي هيڏي.
* سر - سر سان ملي سمنڊ تہ ڏهٽو آهي.

* مهامان : وڏي عزت وارو، مرتبي مان وارو
* سر : تلاءُ، چشمو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## انقلاب جو طوفان

ڇڪار سمونڊن ڪان کسيندو ايندو.
وسڪار، گهٽي، گهر تي وندڙيندو ايندو.
هر پوک جي ٻوٽي جي پٽي ٽپريندو.
طوفان، درختن کي ڌسيندو ايندو.

*

## طنز

ايمان کي فاقا ڏئي ٻي مان ٻنايو.
انسان کي ٻچڙو ڪري شيطان ٻنايو.
خوشبوءِ کي ڦندا ٻه وڌا ٿو ته اڳو پو،
هِن هير کي ڦڏڪا هڻي طوفان ٻنايو.

*

## هن شهر ۾...

هن شهر ۾ هر شام جو وحشت ٿي وسي.
هر چوڌنڪ تي تبليغ جي شفقت ٿي وسي.
شيطان جي لشڪر جو خضر رهبر آ،
مقتل تي مساجد مان هدايت ٿي وسي.

*

soomhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## نئون ناز

رندن جو اهو بحث ته بي هوش نه ٿي!
ميخاني جي رسم آهي ته باهوش نه ٿي!
ساقيءَ جي نئين ناز منجهايو مونکي،
”آواز نه ڪر، روءِ به نه، خاموش نه ٿي.“

*

## چور مان مور

ڪونڌر به بي ضمير ٿي ڪمزور ٿي پيو.
سمجهو ڏڪو پهاڙ پڇي، پور ٿي پيو.
ڪانئر به مرد وير ٿي ايري اٿيو جڏهن،
دنيا ڏٺو ته چور منجهان مور ٿي پيو.

*

## ڪمزور ۽ ڪم عقل

ڪمزور گنهگار آ، سو مونکي پتو آ.
ڪم عقل انهيءَ کان به گنهگار وڏو آ،
يزدان ۽ شيطان کي ڪنهن ڪونه ڏٺو آ،
انسان لئه انسان ئي آزار وڏو آ.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## وڏو آهي

مظلوم، مڇانئو مـــان آزار وڏو آهــي.
آزار کـــان جـهونجهارو آڌار وڏو آهــي.
پرمار جي شيطاني ڦرمار جي گهيري کان-
انــســان وڏو آهي، ڏاتـــار وڏو آهــي.

*

## جگر رکٽو آ

طوفـــان ۾ ڏونگر جـــو جگر رکٽو آ.
بـــرسات ۾ ساگـر جـــو جگر رکٽو آ.
هـــن دؤر جـــو هـــر پـهـر آ پاٽيپٽ،
دل شير جي، بـــابـــر جو جگر رکٽو آ.

*

## ها اڻ ٽيـٽي

آڙاهـــــ ۾ آلاڻ، اهـــا اڻ ٽـيـٽـــي!
۽ سون ۾ ڪاراڻ، اهـــا اڻ ٽـيـٽـــي!
جنهن وقـت سڏي سنڌ، بخاري ٻُٽڪي،
چـالاڪ ۽ چاڪاڻ، اهـــا اڻ ٽـيـٽـــي!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

## اهو ناممڪن

پيلو نہ جهلي ٻور، اهو نـــاممڪن.
تنهنجو نہ ٻوي ٻور، اهو نـــاممڪن.
اُستاد جـــو آواز لٽيو تـــا لُـــڙ ۾،
اونده ۾ لِڪي نُور، اهو نـــاممڪن.

*

## اهو ڪيئن ٿيندو

اغـيـار سان اقـــرار، اهو ڪيئن ٿيندو؟
۽ يـــار سان انڪار، اهو ڪيئن ٿيندو؟
استاد بخاريءَ کي ڪٿي دفـــن ڪريو،
ڌرتيءَ کـان مگر ڌار، اهو ڪيئن ٿيندو؟

*

## سنڌ جهڪي ناممڪن

ترڪي جي تتان، سمنڊ سُکي ناممڪن،
ڪڪرن جي اڳيان ڪوهہ ڍُکي ناممڪن.
تـــاريخ ڪـــري چيخ چيو: او آمـــر!
جابر جي اڳيان سنڌ جهڪي ناممڪن!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## وقت

وقت، پرسار چيو: مال - غنيمت آهي.
وقت، مجبور چيو: سخت مصيبت آهي.
هو ڏسو، ديس جي هر شهر ۾ دوزخ، جنت!
سون چيو: وقت ته هر وقت قيامت آهي.

*

## زمانو

هڪ ڏور کان ٻيو دور، توانو يارو!
پر پو به بهاني تي بهانو، يارو!
هڪ سُور کٽيندو آ، بچيندو آ ٻيو،
هن کي ئي ته سڏبو آ زمانو يارو!

*

## تلخ حقيقت

ها، سوچ ۾ سپنا ته سٺاوا آهن.
ٺڪر به ته چڙ ٺاڪئان ڪاوا آهن.
پر زندگي هڪ تلخ حقيقت آهي،
پنهنجا به مصيبت ۾ پراوا آهن.

*

soomhsindhiadab


Scanned with CamScanner

## مير، پير

ڪي لوڙ ڪٽي، ڇهڪ ڏئي، ڇير ڏين ٿا.
ڪي زهر ڀري ڄوڙم ڪري تير هڻن ٿا.
انصاف پڇيو: ناڻو ڏسيو، ڪير هي آهن؟
فرياد ڇيو: مير تہ ڪي پير ڇون ٿا.

*

## انسان جو خيال

مان ٿو چوان قيام ڪو ٿئي تہ ڇا ڪيي!
جڳ جڳ ملي جيئڻ جو مزو ٿئي تہ ڇا ڪيي!
هيڏو وڏو جهان نہ ڏٺڪو نٿو ڏهي،
انسان جو خيال، سچو ٿئي تہ ڇا ڪيي!

*

## ڪهڙو حسين خواب

او دل، ائين نہ سوچ، ائين ٿي نٿو سگهي.
استاد، سونهن، پيار سچو پي نٿو سگهي.
باقي بچيو بهشت، هميشه جيون، پيون-
ڪهڙو حسين خواب سچو ٿي نٿو سگهي!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## اُڀـرو...

اُڀـرو تـہ اڄ قيام ڏهاڙو ڪري وجهون!
پکهري پون پهاڙ ڪو ڪاڙهو ڪري وجهون!
پردي ۾ انـــڌ، ڏنـڌ بنا پردي ٿي پون،
پـرمار ڪي تـہ الف اگهاڙو ڪري وجهون!

*

## هي قوم...

هي ڪوڪ، سنهي وار ڪان خنجر ڪان تکي آ.
هي ڦوڪ، ڏڏي هيڻ ڪان اوتر ڪان تکي آ.
وهمن جـي مقابل ۾ سستي پئي آ مگر جـي،
هي قوم اٿي پئي تـہ پو محشر ڪان تکي آ.

*

## جيئندو رهندو

جـــو قـوم جياري، اهـــو جيئندو رهندو.
جـــو عــام اجاري، اهـــو جيئندو رهندو.
مونکي تـــاريـخ ۽ تقدير ڏنـي پڪ آهي،
جـو سنڌ سـنواري، اهـــو جيئندو رهندو.

*

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## آجيان

خوشبو اچي تہ ؐمهڪي خوشبو سان آجيان ڪر!
بدبو اُٿي تہ ؐمچري ”ڌو ڌو“ سان آجيان ڪر!
دلبر ِملي تہ دل جا دهڪار ڪر نڇاور،
دشمن وڏي تہ دودا، ”ڌو ڌو“سان آجيان ڪر!

*

## انسان انسان لاء

غمگين جي گذران لئہ گڏ ٿيا آهيون.
ماني نہ رڳو مانؐ لئہ گڏ ٿيا آهيون.
يزدان ۽ شيطان تہ نبرن هڪ ٻئي سان،
انسان تہ انسان لئہ گڏ ٿيا آهيون.

*

## حالات جي تقاضا

چاٺيون، ڇيڻون ۽ شعلا، اڌ رات جي تقاضا،
گلدستا، قول- مالها، پرڀات جي تقاضا.
ؐڇنيون، ؐڇپر ۽ اولا، برسات جي تقاضا،
هر وقت آ علحدي حالات جي تقاضا.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## مرد زبرزنگ

ڀرمار اُٿي بيهه، مزور آيا ٿئي!
اڙٻنگ ڪٽي چنگ، چنجور آيا ٿئي.
دل تنگ نہ ڪر، تنگ ڪندين ٿيندو ڇا؟
هو مرد زبر زنگ، ضرور آيا ٿئي!

*

## جمهور

مزدور ۽ هاريءَ جو زمانو آيو،
جمهور تي طوفان توانو آيو.
بيهي نہ سگهيو عامَ جي اوتر سامهون،
پوير تي اُڏيو جيڪو بهانو آيو.

*

## مزدور اٿيو

آنڌير وڌي، چنڊ لٿي تي آيو.
انصاف چڙهي، ڏينهن َتتي تي آيو.
مزدور ڪٽي پيرَ مان زنجير اٿيو،
ڀرمار چيو: موت مٿي تي آيو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## پيچ زارڪان...

مون ڪالهه ڪٿيو ڏاڍي جو ڏونگر آهي.
هي پاپ ته ڇڻ واٽ جو پٿر آهي.
پُيچ زار ڪان مون آڳ جو ساگر آڪريو،
هيءَ اُپ تہ برسات جو اوپر آهي.

*

## پورهيت پگهر

ڪڙمي جي سلي، سنگ مان لنگر بنجي.
پورهيت جي پگهر - ٻانس مان عنبر بنجي.
ڏاڍن ۽ مترڪن کي ڪريو قيد نہ ظالم،
هن پونءِ جو فردوس ڏو بنجر بنجي.

*

## انسان ٿي!

زردار تون قيصر نہ سڪندر آهين!
ڪهسار هئين، هاڻ تہ ڪنڪر آهين!
شيطان نہ ٿي، دعويٰ نہ ڪر يزدان جي،
انسان ٿي انسان، جو پونير آهين!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## قيامت پهتي

ظالم جي مٿان ظلم جي شامت پهتي.
پورهيت جي مٿس موت ٿي طاقت پهتي.
توبه نہ ڪئي تو بہ ڪڏهن قاروني!
آخر تہ اچي ٿوتي قيامت پهتي.

*

## انسان اٿي پيو آهي

يزدان جو فرمان، ٿُنبي پيو آهي.
ميدان ۾ شيطان، مُنجهي پيو آهي.
پاتار کي پولار ڏنيون واڪايون:
انسان ٿي، انسان اٿي پيو آهي.

*

Scanned with CamScanner

## استاد بخاريءَ جا ڇپيل ڪتاب

* ”گيت اسانجا جيت اسانجي“ (١٩٧١ع)
* ”ھاراڻا ھول (مرتب)“
* ”گيت گلابي ھارن جا“ (١٩٧٩ع)
* سوجھرو ”استاد بخاري نمبر“ (١٩٨١ع)
* ”اوتون جوتون“ (١٩٨٣ع)
* ”ڪوڪن يا ڪلياڻ“ (١٩٨٦ع)
* ”لھر لھر دريا“ (١٩٩٠ع)

## ايندڙ ڪتاب

* ”ڏرتي سرتي“
* ”سوچون، پڙڪا، واڪا“

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



# امرتا

اسان جي سماج ۾ شروع کان وٺي هيٺين پڙ ۽ ڏاڍي جي وچ ۾ ڇڪتاڻ هلندي اچي. سچو ساهتڪار ۽ قوم جو حقيقي هڏ ڏوکي اهو تخليقڪار هوندو آهي جيڪو پيڙهيل طبقي جو طرفدار بڻجي، سچ جو ساٿاري ٿي پر اميد ۽ روشن مستقبل لاءِ جهونجهاري جنگ جهيڙي.

استاد بخاري هن ڌرتيءَ جو هڪ نظرياتي، اڀ اس وارو، پرک ڪندڙ دانشور ۽ سريلو سرجڻهار رهي، سندس سموري شاعريءَ ۾ ڀرپور مقصدي پيغام جو پڙاڏو گونجندي محسوس ٿئي ٿو جيڪو تبديلي جي تنوير ۽ انقلاب جي علامت آهي. هڪ اهڙي انسان جو مسلسل عمل آهي جو پنهنجي منزل تي رسڻ تائين، پنهنجي سرجيل هر هڪ سٽ ۾ اهوئي چوندو رهندو:

جو قوم جياري اهو جيئندو رهندو،<br>
جو عام ابهاري اهو جيئندو رهندو،<br>
مونکي تاريخ ۽ تقدير ڏني پڪ آهي،<br>
جو سنڌ سنواري اهو جيئندو رهندو. (ا-ب)

قاضي منظر حيات<br>
"المنظر" - رتوديرو.


Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book